پارَ من ٺارَ


سچتر ٻال ڪهاڻيون



ڪملا بتاڻي


پيار مَن ٺارَ

سچتر ٻال ڪهاڻيون



ڪملا ٻُتاڻي

ارپڻ



شريمتي پاربتي بختياڻي　　　شري ديالداس ڀختياڻي

سدا حنات امڙ ابي اڻ ليي کي

امڙ تنهنجي ياد ۾ ڳوڙها ڳڙي دلڙي ڀڄائين ٿا
وهي ڳل ڀڄائين ٿا وهي دلڙي گهائين ٿا
تنهنجون قربانيون بيمسال تنهنجو پيار اڪنڊ پنڊار
آسيسون ٻچڙن کي ڏيئي تن من جي سڌ وساري آ

دل جي گهري يادين سان
ڪملا ٻتاڻي

بارمن ٺار(سچتر بال ڪهاڻيون)

ليکڪا: ڪملا بتاڻي
فون: ٠١٤٥-٢٦٧١٧٤٣
ڇپائيندڙ: پنڪج پبليڪشن، ١٩ ئي،
يو آءِ ٽي ڪالوني، ناڪا مدار اجمير ٣٠٥٠٠٧
فون: ٠١٤٥-٢٦٧١٧٤٣
ڇپيندڙ: پاربتي پرنٽنگ پريس، 180/6، شانتي نگر
ڀانگ باوڙي، پوسٽ باڪس نمبر-٢٣٠، اجمير
ڪور: جينت، لکنئو
ڇاپو پهريون: ٢٠١٣
ڪاپيون: ٥٠٠
قيمت: ١٢٠ روپيا

BAR MAN THAR (Sachiter Bal Kahaniyan)

Writen by : Kamla Butani
Phone : 0145-2671743
Mob: 93521-82149
Published By : Pankaj Publication, E-19, UIT Colony, Naka Madar, Ajmer. (305007)
Printed By: Parvati Printing Press,180/6, Shanti Nagar, Bhang Bowri, Post Box No.230, Ajmer-305001 0145-2460231,Mob.9828080154
Cover: Jayant, Laknow
First Edition: 2013
Copies : 500
Price : 120/-

پُستڪ پرڪاشن راجستان سنڌي اڪادميءَ پاران
آنشڪ مالي مدد سهيوگ.

हिन किताब खे छपाइण में राजस्थान सिन्धी अकादमी, जयपुर पारां आंशिक माली मदद मिलियल आहे।

ليکڪ جي قلم مان

ٻارن جي دنيا وڏن کان ڪجهہ الڳ ٿيندي آهي. ٻال ادب لاءِ ڪتاب الڳ ڇپيا ويندا آهن. جيڪي رنگين چترن ۾ من موهيندڙ ڪهاڻين ۾ فسن سان ٻارجو منورنجن ڪري هن جي جگياسا ۾ من ۾ اٿندڙ سوالن جو خود جواب ڏئي ڇڏين. گڏ ئي سکيادائڪ ڪهاڻيون هن جي ڪچڙي من تي سکيا جي اهڙي ڇاپ ڇڏي وڃن وڏو ٿي اهي سکيائون هن جي جيون جو مارگ درشن ڪري ٿيون سگهن.

اِن ڪري ٻار ٻال ڪويتائن ۾ ڪهاڻين ٻڌڻ جي چاهنا ڪري ناني ڏاڏي ۾ جون ڪهاڻيون وڌيڪ پسند ڪندا آهن. ٻار چاهي ڏينهن جو سمهن يا رات جو تيستائين هنن کي ننڊ نہ ايندي آهي، جيستائين هن کي ڪهاڻي نہ ٻڌائي وڃين. اِهي ڪهاڻيون هن جي ڪلپنا شڪتي، گيان ورڌي ۾ ويچارن جي اڏام کي هٿي ڏين ٿيون.

سنڌي ۾ هيل تائين ٻال ساهتيہ کي ايڏو مهتوَ نہ ڏنو ويو آهي جڏهن تہ هندي ۾ ڪافي دلچسپ ۾ من موهيندڙ چترن سان ڪتاب جيئن تہ چاچا چوڌري، چندا ماما، ٻال ترنگ وغيرهہ گهڻئين ڪتاب ٻارن جو من موهين ٿا. پر هاڻي سنڌي ۾ بہ سنڌي اڪادميون ۾ راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد دهلي ۾ هن ڏانهن ڌيان ڏئي ٻال ساهتيہ سچتر ڪتاب ڇاپائي سنڌي ساهتيہ کي جهجهو سينگاريو ۾ سنواريو آهي. اِن ڏس جي ليکڪن کي بہ همٿائڻ لاءِ اِنعامن جي جهڙي لڳائي آهي. رنگين چتر، شڪشا پرد ڪهاڻيون ۾ ڪلپنا جو وڪاس ٻارن جو منورنجن ڪري رهيا آهن. جنهن سان ٻارن جو رُجهان ٻال ساهتيہ ڏانهن وڌيو آهي. اِن ڪڙي ۾ مون بہ هي ۾ قدم

فهرست

۱. پرارٿنا ۷
۲. ايشور جن کي پيار ڪندو آهي ۱۰
۳. آزادي اسان جو جنم سڌ اڌيڪار ۱۲
۴. پريءَ راجڪماري ۱۶
۵. پريءَ جي سکيا ۲۰
۶. هڪ ڀلائيءَ جو ڪم ۲۳
۷. محنتي ٻڍڙو ۲۵
۸. ترنگو ڀارت جي شان ۲۷
۹. سچا ڳهٽا ۲۹
۱۰. نيڪ دل اِنسان ۳۱
۱۱. ڀڳوان اسان جي وچ ۾ ۳۲
۱۲. ديا ڌرم ڪا مول هئہ ۳۴
۱۳. پريم ۾ ڇا جي تورتڪ ۳۷
۱۴. ڏک بہ هوئي ڏئيءَ صبر بہ هو ۳۹
۱۵. بزرگن جي شيوا تن من سان ڪيون ۴۱
۱۶. تون تہ خود لکاپتي آهين ۴۳
۱۷. ڌرتي اٿميو ڏيندڙ ماتا ۴۵
۱۸. چنتا چتا سمان ۴۷
۱۹. مان ڪڙميءَ جو پٽ هو پرڌان منتريءَ جو پٽ ۵۰
۲۰. سئناپتيءَ جي لائقي ۵۱
۲۱. راوڻ جو پڇتاءُ ۵۳
۲۲. اِنصاف جي تاراضي ۵۶
۲۳. ماءُ ئي ٻار جو پهريون گرو ۵۷
۲۴. نظر پنهنجي پنهنجي ۵۸
۲۵. محنت جي ڪمائيءَ جو قدر ۵۹
۲۶. ٻئي جي عزت جو قدر ۶۰
۲۷. سچ تہ بيٺو نچ ۶۱
۲۸. ماتا جي شيوا ڪرڻ فرض جو پهريون ڏاڪو ۶۲
۲۹. سنائيءَ جو پرڪاش ۶۳
۳۰. گهنتيءَ جو رُتبو ۶۶
۳۱. وڻن ٽڻن مان فائدا ۶۸
۳۲. اگهائي تہ ڪٽو نہ تہ مالڪ بہ وٺائي ڏئي ۷۳
۳۳. ماتر ڀوميءَ جا سپوت ۷۶
۳۴. شهيد هيمون ڪالاڻي ۷۷

پرارٿنا

مهاتما گانڌيءَ جو نالو سنسار جي مهان ويڃوتين ۾ ڏاڍي شرڌا ۽ پريم سان ورتو ويندو آهي. مهاتما گانڌيءَ کي راشٽرپتا ۽ باپوءَ جي نالي سان ڪوٺيو ٿو وڃي ڇو جو انُهن انگريزن جي غلاميءَ کان ڀارت کي اهنسا ۽ سچ ۽ پريم جي ٻل تي بنا ڪنهن استر شستر جي اسهيوگ آندولن ايڪيهه اُپواس رکي ڪيو. هن انگريزن کي ٻه هن انسانيت سان جيتي هنن کي ڀارت ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو.

ٻارو توهان کي خبر آهي ته اِهو هنن ڪيو ڪيئن؟ اِهو ٻل هو گانڌيءَ جي پرارٿنائن جو. هڪ ڪٿن ٻڌي توهان کي اِهو سمجهڻ ۾ دير نه لڳندي ته پرارٿنا ۾ ڪيڏي نه آتمڪ شڪتي ٿئي ٿي. گانڌي جي گهڻو ڪري پنڌ ئي وڏيون ياترائون ڪندا هئا. هڪ دفعي ڏکڻ ڀارت ويل هئا ته رات جو موٽندي هنن کي ڪافي دير ٿي ويئي. هو تمام گهڻو ٿڪجي ٻه پيا هئا ڇو جو هنن جا ڪاريه ڪرم لنبا هوندا هئا. ايندي ئي گانڌي جي کٽ تي ليٽي پيا ۽ انُهن کي ننڊ اچي ويئي. گانڌي جي پنهنجي روزاني ڪاريه ڪرم کي ٽائيم ٽيبل موجب ڪندا هئا.

صبوح جو تمام سوير اُٿي ضروري ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ پهرين پرارٿنا ڪندا هئا. پوءِ اڏيين ۽ پترو هنوار ڪرڻ کان پوءِ روٽي کائي گڏجڻ اچڻ وارن ماڻهن سان پريم سان گڏجندا هئا. اُن ڏينهن ننڊ اچي وڃڻ ڪري جڏهن اڌ رات جو هنن جي اک کلي ته من ۾ پڇتاءُ ٿين ته هو رات جو ٻه جيڪا پرارٿنا ڪندا هئا. ڪئي بنا سمهين پيا ۽ پرارٿنا ڪونه ڪيائون. ٻئي ڏينهن ٻه هو اِن پڇتاوي ۾ تمام پريشان رهيا جڏهن ماڻهن پڇيو ته توهان ايڏا پريشان ڇو آهيو ته گانڌي جيءَ چيو جنهن ايشور جي ڪرپا سان مان جيئان ٿو، اُن ئي ايشور کي ياد ڪرڻ ڀلجي وڃان ته اِن کان وڏي ڀُل مون کان ڪهڙي ٿيندي؟ ان ڏينهن باپو ٻيڻو وقت پرارٿنا ۾ وينا ته ٻه هنن جو پڇتاءُ گهٽ نه ٿيو. ماڻهو ٻه باپوءَ جي پريو شرڌا ۽ وشواس ڏسي گد گد ٿي ويا. چوڻ جو مطلب آهي ته هيڏي وڏي شخصيت ٻه اسان کي اِهو سبق ئي سيکاريو ته پرارٿنا جو جيون ۾

وڌايو آهي. ڪجھ ڪوشش ڪئي آهي جنهن ۾ امڙ، ناني، ڏاڏيءَ جون ڪهاڻيون راجا-راڻي، راجڪمار راجڪماري، پري، پرياورڻ، بزرگن جا انيڪ وغيرھ شامل آهن. اِنهن ڪهاڻين ۾ سنتن، فقيرن، مهاتمائن، مهان شخصيتن ۽ شهيدن جون ڪهاڻيون شامل آهن. هر ڪهاڻيءَ مان سکيا ۽ سبق پرائڻ جو مقصد خاص آهي. ٻارڙن جي ڪچڙي عمر جون هي ڪهاڻيون ٻج روپ ۾ وڏي هوندي تائين ٻارڪي ديا، ڌرم، نياو، سچ، اهنسا ۽ دکي دلين تي ديا ڪرڻ، وڏڙن جي عزت ۽ شيوا، آگيا جو پالن ڪرڻ جي سکيا ڏئي هنن جو جيون سنوارڻ ۾ مدد ڏيون ڪن. هر ڪهاڻي ٻارڪي سبق ۽ سکيا تي ڏئي اِن انيڪ سان ڪافي جاڪوڙ کان پوءِ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. اُميد ته پسند پونديون ۽ هيءَ محنت ساب ٿيندي.

ڪملا ٻٽاڻي


ڏينهن جي ڪمن تي غور ڪيون هر ڪم محنت ۽ پريشرم سان ٿيندو آهي. سستي ڇڏي سڀني ڪمن ۾ وقت گذاريون.

ٻارو سونو هڪ سست ۽ ديرسان اُٿڻ وارو ٻالڪ هو. ماءُ جي هر هر اُٿارڻ کان پوءِ اُٿندو هو. اسڪول ۾ ديرنه ٿي وڃي اِن ڪري جهٽ جهڙا تهڙا ڪپڙا پائي، بنا سنان ڪئي اسڪول هليو ويندو هو. اڄ ته امتحان جي ڪري سونو پرارٿنا ٿو ڪري، ڀڳوان منهنجي مدد ڪجو منهنجو امتحان سٺو ٿي وڃي ته مان توهان تي مندر ۾ شام جو ئي پرساد چاڙهيندس.

ٻارو جيڪو ٻار پڙهندو ئي ڪونه اُهو لکندو ڇا؟ پڙهي هوشيار ٿي نالو ڪمائڻ لاءِ باپو، وويڪانند، دادا ٽي. ايل واسواڻي، دادا رام پنجواڻي ۽ جهڙن ست پرشن جي چرڻ ڪملن تي هلي چست فرت ٿيون ۽ دنيا ۾ نام ڪمايون. بنا شڪشا ۽ محنت جي سونوءَ وانگر سوارٿي پرارٿنا نه ڪيون. پرارٿنا هجي نسوارٿ ۽ ٻين جي مدد لاءِ.

ٻارو توهان جو نند پڻ ۾ فرض آهي. پڙهڻ. پڙهي هوشيار ٿيڻ. تڏهن ئي توهان جو نالو به روشن ٿيندو.

پرارٿنا اهڙي ضروري آهي جهڙي سرير لاءِ کاڌو، هوا، پاڻي ۽ روشني جڏهن روز اِهي شيون ضروري آهن ته آتما ۽ شرير جي آتمڪ يا من جي شانتي ۽ شڪتيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ صبوح ۽ رات جو پرارٿنا ڪيون. اِن جي عادت ٻالپڻي ۾ ئي پنهنجو نيم ٺاهي وجهون ته اسان ۾ وشواس، آتم ٻل شانتي ۽ ڌيرج جو واسو من ۾ ٿي جيون کي روشن ڪري ڇڏيندو.



ڪيڏو نہ وڏو اِستان آهي.

ٻارو پرارٿنا من کي آنند، خوشي ۽ شانتي ڏيڻ واري آهي. صبوح جو جلد اُٿي ايشور جا ٿورا مڃيون تہ اسين تندروست ۽ فرت اچ اُٿيا آهيون. اسان جو سڄو ڏينهن سيني سان سٺي وهنوار ۽ مني ڳالهائڻ ۾ نڪري، ضرورتمند ۽ دکين جي شيوا ڪيون. جيوَ جنتوءَ يا جناورکي نہ ستايون. اُنهن سان ديا جو ورتاءُ ڪيون. هر ڏينهن هڪ ڀلو ڪم تہ ضرور ڪيون. پنهنجا ڪم خود ڪيون، ماتا پتا ۽ بزرگن کي پيري پئي اُنهن جي آسيس ڪٺون، اُنهن جي آگيا مڃيون ۽ جيتري قدرتي سگهي اُنهن جي شيوا ڪيون.

ٻارو پرارٿنا جو وڏو مهتوَ آهي. اسڪول پهچندي پهرين اسين سرسوتي ماتا جي مورتيءَ اڳيان پرارٿنا ڪندا آهيون ڇو جو سرسوتي وديا جي ديوي آهي. اسان کي پڙهڻ ۽ ٻڌائڻ، لکڻ پڙهڻ ۾ هوشيارتي بڻائي. اسان ۾ سٺن گڻن ۽ سنسڪارن جو جنم ٿئي. اسڪول ۾ اُستاد يا گروجن جي آگيا مڃيون عزت ڪيون. هرپڙهيل سبق مان سنايون ڪٺون. پاڙي ۾ سٺا پاڙيسري، سهپانين جا سنا متر، سني دوستي نڀايون. ۽ پڙهڻ ۾ هوشيارتي ماتا، پتا، گ روءَ جو نالو پنهنجي للتفيءَ سان روشن ڪيون. پرارٿنا هرسٺي آهي، پرهيءَ پرارٿنا پڙهو:-

پربوءَ کان گهر نت آسيس
رهت منيءَ جي ڏي بخشيش
مات پتا وٽ سر جهڪاءِ
شپ آسيسون من جون پاءِ
هٿ جوڙي تون گڏج سين کي
پيري پئہ نت پاڻ وڏن کي
پوترتا سان ڏينهن گذار
دليون سڀ جون هرهر نار

ڪو بہ فنڪشن شروع ڪرڻ کان پهرين جوت ۽ اگربتي ٻاري ايشور اڳ يان متو جهڪائي پوءِ پاشڻ يا ڪارروائي شروع ڪندا آهيون.


صبوح جو اُٿڻ ساڻ ۽ رات جو سمهڻ کان پهرين سوچ ڪيو تہ سڄي

ابوُ حَسَن هتائين جڳياسا وچان پڇيو ”ڇا هن ۾ ڪٿي منهنجو نالو آهي؟“

پريءَ رجسٽر ڏسي مٺي مُسڪراهٽ سان چيو، ها، ”هن فهرست ۾ توهان جو نالو پهرئين نمبر تي آهي جن کي ايشور پيار ڪندو آهي“.

سمجهڻ جي ڳالهه آهي تہ ايشور کي تہ سڀ پيار ڪندا آهن. پر ايشور اُنهن کي ئي پيار ڪندو آهي جيڪي نسوارٿ شيوا، ڏُکي دردرن جي، نربل ۽ گهرجائن جي مدد نرمل من سان ڪندو آهي. ٻڪي پسن جي شيوا، ننڍڙن ٻارن ۾ تہ ايشور جو ئي روپ ڏيندو آهي ڇو جو اُنهن جو من نرمل ۽ نرلوڀي، هوندو آهي. ٻارن کي خوش رکڻ، هنن جا ڳوڙها اُگهڻ، اناٿ ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ هنن کي پڙهڻ ۾ مدد ڪرڻ تمام سباب جو ڪم آهي. اِن ڪري ابوُ حَسَن کي ايشور پيار ڪندو آهي.

ابوُ حَسَن هيڪارين پنهنجي تن، من، ڌن جا درزندهہ دليءَ سان ڪولي ڏُکي دردرن، گهرجائن، اپاهجن ۽ معصوم ٻارن جي شيوا ۾ لڳي ويو. هن ڪڏهن ايمان نہ ڪيو تہ هاڻي رجسٽر ۾ نالو اچي ويو تہ ڪم پورو ٿي ويو. نہ هتائين هن نئين سري همٿ ۽ جوش سان شيوا جا ڪم جاري رکيا.



ٻار ٿهر جي سونهن!

ايشور جن کي پيار ڪندو آهي

ابوُ حَسَن هڪ ڌرمي ۽ ايشور ۾ وشوار رکي سماج جي شيوا، اِنسان جي شيوا ۽ نسوارت شيوا جا ڪم ڪندو هو. اِنسانيت هن جي تن، من ۾ واس ڪندي هئي. ڪنهن جي لاءِ هو بُرو نہ سوچيندو هو نہ ڪجهہ ڪندو هو. هر وقت ايشور جو اندر ۾ ڌيان رکندو هو. ٻارن کي ڪهاڻيون ٻڌائي خوش رکندو هو. هڪ ڏينهن رات جو هو گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو هو تہ هڪ دم تيز روشني ڦهلجي ويئي ۽ ڪمرو روشن ٿي ويو. ابوُ حَسَن جي ننڊ کلي ويئي. هن ڏٺو تہ هڪ سندر پري رجسٽر ۾ ڏاڍي لگن سان ڪجهہ لکي رهي آهي. ابوُ حَسَن هن کان پڇيو. پري تون هن لگن سان ڇا ڪري رهي آهين. پريءَ مني مسڪان سان چيون مان هن رجسٽر ۾ اُنهن جا نالا لکي رهي آهيان جيڪي ايشور کي پيار ڪندا آهن. ايترو ٻڌندي ابوُ حَسَن جگيّاسا ۾ پرچي چيو، پري راڻي ڇا منهنجو نالو اِن رجسٽر ۾ آهي؟''

پريءَ پنا اُلٽ پلٽ ڪري ڏسي چيو نہ توهان جو نالو تہ هن فهرست ۾ ڪونهن.

ايترو ٻڌندي ئي ابوُ حَسَن جو چيهرو نراشا سان مُرجهائجي ويو. ٿوري دير ۾ پري ۽ روشني ٻئي غائب ٿي ويا.

ابوُ حَسَن هتائين وڌيڪ همت ۽ لگن سان اِنسانيت جي ڪمن ۾ رُڌي ويو. ايتري قدر جو هو پريءَ واري ڳالهہ ئي ڀلجي ويو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪ رات ابوُ حَسَن وري جڏهن گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو هو تہ هن کي ڪمري ۾ روشنيءَ جو آياس ٿيو. هڪ دم هو جاڳي ويو. ڇا ڏسي تہ ڪمرو جڳمڳ روشن لڳو پيو آهي ۽ اُها ئي پري لگن سان ٽيبل تي رجسٽر ۾ ڪجهہ لکي رهي آهي.

ابوُ حَسَن هن کان پڇيو، ''پياري پري تون منويوگ سان هن رجسٽر ۾ ڇا لکي رهي آهين؟''

پريءَ مني مُسڪان سان چيو، ''اڄ مان اُنهن اِنسانن جي فهرست ٺاهي رهي آهيان جن کي ايشور پيار ڪندو آهي''.

هن ڪان وڏيڪ ويٺي ويٺي توکي ڪپي ڇا؟ توکي تہ پنهنجي قسمت تي ناز هئڻ ڪپي!''

قيدي طوطو، ''اِهو سڀ تہ ٺيڪ آهي پر مان صرف هن پڃري ۾ قيد تي رهجي ويو آهيان!''

مٺو طوطو، ''پر بہ توکي پڃري سان ڪهڙي شڪايت آهي''؟

قيدي طوطو، ''مان آزاديءَ سان اڏامي نٿو سگهان، هر موسم جو مزو اڏامي وٺي نٿو سگهان مونکي بہ گهمڻ جي آزادي ڪپي، پنهنجي پريوار سان خوشيون ونڊيان. اهڙو منهنجو ڀاڳ ڪٿي؟ مان هڪ قيدي آهيان، قيدي ۽ غلام!''

مٺو طوطو، اڙي ڇا پيو چئين؟ اسان کي ڏس ڪڏهن تہ داڻو پاڻي ملندو ئي ڪونهي ۽ لنگهڻ ڪرڻا پوندا آهن. توکي سڀ ويٺي ويٺي جو آرام ڇا تہ تنهنجي سنڀال پئي ٿئي؟ بيمار ٿيون تہ ڪير پڇڻ وارو ڪونهين ڪيڏي نہ پيڙا سهڻي پوندي آهي توکي ڀلا اِن جو انداز ڪيئن ٿيندو؟''

قيدي طوطو، ''ڳالهہ تہ برابر آهي، مان تہ جيڪر اُداس بہ ٿيان تہ مالهي اچي منهنجي خوشامد ڪندو آهي ايترو ئي نہ راجا بہ لنگهندي پائيندي روز منهنجي سنڀال سار لهي ويندو آهي، بيمار پوان تہ خاص پکين جي ڊاڪٽر کي گهرائي منهنجي تيمارداري ڪئي ويندي آهي. اِن ۾ تہ ديرئي نہ ٿيندي آهي!''

مٺو طوطو، ''ڀاڳ ڀريا، پوءِ تہ توکي ڪپي الائي ڇا؟

قيدي طوطو، ''مونکي بہ ڪپي آزادي اُڏامڻ جي! مان بہ پر کولي من مرضيءَ سان شهرن ۽ ڳوٺن جا نظارا ڏسان، باغ، جهرڻا، جبل، نديون، سمنڊ، جنگهل سڀ گهمي سگهان پريوار ۽ بنڌو بانڌوَن جي ٽولين سان پري پري اُڏامان ڪير نہ روڪي. ڀاءُ توکي جيڪر هن پڃري ۾ سک ۽ خوشيون ڏسڻ ۾ ٿيون اچن تہ ڪجهہ ڏينهن تون بہ هن ۾ رهي ڏس ۽ مان آزاديءَ سان گهمي اچان. ٿورو گهمي ڦري ٿنگ ٿيس تہ موٽي وري اچي پڃري ۾ رهندس''.

مٺوءَ کي تہ پڃرو ۽ راجا ئي سک تمام لڀائيندڙ ٿي لڳا سو هن کي

آزادي اسان جو جنم سِڌ اڌيڪار

پکي آزاديءَ سان آسمان ۾ پرکولي اُڏامندا رهندا آهن ڪيڏا نہ سندر ۽ وڻندڙ لڳندا آهن! هڪ طوطو هو اُهو بہ آسمان ۾ آزاد اُڏامندو رهندو هو ۽ هڪ وڻ جي ٽُڙ ۾ پنهنجو آکيرو ناهي رهندو هو.

هڪ ڏينهن اُڏامندي هو هڪ راجا جي شاهي محل ۾ وڃي پهتو. اُتان جا راجسي ناٺ باٺ کي ڏسي چرخ ٿي ويو. محل جي ٻاهر هڪ وڏو باغيچو هو جنهن ۾ سائو گاهہ بخمل وانگر چمڪي رهيو هو. چئني پاسي گلاب، چميلي، موگري ۽ لليءَ جا پوڌا لڳل هئا ۽ اُنهن ۾ رنگ برنگي گل ۽ پيا بہ دل لڀائيندڙ گل ٽڙيل هئا. جن کي ڏسندي اکيون اُنهن تان نظر هٽائڻ جي اِڇائي نہ پيون ڪن. چئني پاسي وڏا وڏا گهاٽا وڻ جن ۾ طرح طرح جا ڦل انب، انجير، ڦاروان، چڪون، پپيا، زيتون من کي وس ۾ نہ ڪري اُنهن تي ڇهنب هڻي اُن جو سواد چکڻ کان پاڻ کي روڪي نہ پيا سگهن.

طوطو اچي پنهنجي من پسند ڦلن کي ڇهنب سان چڪ هڻي کائڻ لڳو. هيڏو باغ ۽ هيڏا ڦل هڪ ئي جاءِ تي هن ڪڏهن نہ ڏٺا هئا. پر هيءُ هو راجا جو باغ ۽ محل! ڪا گهٽ ڳالهہ ڪونہ هئي. اُڏامندي اُڏامندي هن کي هڪ سونو پڃرو وڻن جي گهاٽي ڇانوَ ۾ نظر آيو. هيڏو سندر پڃرو ڏسي طوطو تہ حيران ٿي ويو. پڃري ۾ داڻو، پاڻي، ڦل فروٽ بہ پيا هئا. اُن پڃري ۾ هڪ سندر طوطو بہ هو جيڪو گم شم ويٺو هو. پنهنجي ذات پائي طوطي کي ڏسي منو خوش ٿي ويو. پوءِ هڪ ٻئي جو حال چال ڄاڻڻ لاءِ منوءَ چيو، ”ڪر خبر ياءُ طوطا تون تہ وڏو ڀاڳن وارو آهين، ڇا تہ ناٺ اٿئي! ڇا تہ محل ۽ ڇا وري باغ؟ ڇا وري تنهنجو سونو پڃرو؟ ڪيئن تو وٽ تہ سڀ سک ميسر آهن خوش تہ آهين؟


اينرا سوال ٻڌي قيدي طوطي ڇهنب کولي ۽ چيائين، ”ياءُ سچ آهي مان ڀاڳن وارو آهيان پر سڀ سک هوندي بہ تن من سان خوش نہ آهيان!

منو عجب مان، ”ڇا پيو چئين تون تہ شڪر ڪي تو اِتون هٽين پلا

جنم سڌ اڌيڪار آهي.

جن پنهنجا پراڻ ڏيئي ديش کي آزاد ڪرايو اهڙن پٽيہ آتمائين کي اسان جو نمن آهي. اُنهن کي سچي شرڌانجلي تڏهن پهچندي جڏهن اسين سڀ ڀارت واسي ديش جي آزادي قائم رکڻ لاءِ تن-من ۽ ڌن سان پريم ڪيون ۽ ديش کي خوشحال بڻائڻ لاءِ ديش مان غريبي، بيروزگاري، اگيان، نرڪشرتا، ڇوئا ڇوت ۽ ذات مذحب جو ڀيد ڀاءُ ڀلائي نسوارٿ ۽ سچي لگن سان ديش کي قائم رکڻ لاءِ پرڻ ڪيون. اِهائي اسان جي سچي ديش ڀڳتي ٿيندي.





’’توهان مونکي خون ڏيو
مان توهان کي آزادي ڏيندس‘‘
’’نيتاجي سڀاش چندر بوس‘‘

’’آزادي اسان جو
جنم سڌ اڌيڪار آهي‘‘
’’بال گنگاڌر تلڪ‘‘

قيدي طوطي جو سجهاءُ منظور تي ويو. هن طوطي جي پڃري جي ڪڙي جيئن کولي قيدي طوطو ٻاهر نڪري آيو ۽ منو طوطو اندر ويو تہ قيدي طوطي ڪڙڪي بند ڪري ڇڏي پاڻ ڦرسان آسمان جي اوچائيءَ ۾ اڏامي ڳ ۾ تي ويو. ڪجھ ڏينهن آزاد طوطي پڃري ۾ رهي خوب مزا ماڻيان پر ڪجھ ڏينهن ۾ ئي سو سچ پچ پاڻ کي قيدي سمجهڻ لڳو.

قسمت کي ڏوهہ ڏيڻ لڳو پر قيدي طوطو وري واپس نہ وريو. طوطو آزاديءَ جو مطلب سمجهي ويو ۽ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو هو. هاڻي هن کي اصلي آزاديءَ جو مطلب سمجهہ ۾ آيو پر هاڻي هو خود پنهنجي پيرتي ڪهاڙو هڻي پاڻ کي قيدي ڪري وينو هو.

ٻارو هيءَ ڪهاڻي ٻڌائڻ جو مقصد آهي تہ آزادي تمام ضروري آهي هر انسان، ديش، پسو پکيءَ کي آزادي کپي پر آزاديءَ جا بہ ڪجھ نيم آهن. حقن سان گڏ فرض بہ جڙيل آهن.

ڀارت ديش گهڻئين سال انگريزن جي غلاميءَ ۾ رهيو پر ڀارت واسين کي غلامي پسند نہ هئي جو انگريز هندوستانين سان غلط وهنوار ڪندا هئا.

ڀارت جي شوروير ۽ شهيدن پنهنجي جان جي قرباني ڏيئي ديش کي انگريزن جي غلاميءَ کان آزاد ڪيو. جهانسيءَ جي راڻي لڪشمي ٻائي، منگل پانڊي، شهيد ڀڳت سنگهہ شهيد هيمو ڪالاڻي جيڪو سنڌي هو جيڪو اجان ڪچڙيءَ عمر جو ئي هو پر ديش پريم جي جذبي ۽ ديش جي آزاديءَ جي جنون ۾ لڳن جي ڪري هن پنهنجي جان ڏيئي ڀارت کي آزاديءَ جو طوحقو ڏيڻ لاءِ شهادت ڏني. ٻيا بہ گهڻئين شهيد ٿيا. جن جي قربانيءَ ڪري اڄ اسان آزاد آهيون. مهاتما گانڌي، جواهر لال نهرو، سردار ولڀ ڀائي پٽيل، بال گنگاڌر تلڪ جهڙن نسوارٿ ۽ ديش پريمي سوتنترتا سينانين جي ڪري مهاتما گانڌيءَ انگريزن جي ورود ۾ اهنسا ۽ ستيہ تي هلي ٢١ ڏينهن جو اُپواس رکي آخر ديش کي آزاد ڪرايو. سڀاش چندر بوس آزاد هند سينا ٺاهي آزادي ڏياري ۽ هنن جو نعرو هو توهان مونکي خون ڏيو مان توهان کي آزادي ڏيندس.

اَسان جي نيتا شري بال گنگاڌر تلڪ بہ چيو آهي آزادي اسان جو

راجا، ”سيني راڻن جي راجڪمارين کي گهرايو وڃي مان انهن کان ڪجھ سوال پڇندس جيڪو انهن جو جواب ڏيندو اُن سان مان شادي ڪندس“.

ٻئي ڏينهن وڏ گهراڻيون راجڪماريون سهي سنيري راڄ دربار ۾ آيون. راجا انهن جي خاطرداري ڪئي ۽ ٽي ڳجهارتون سوال جي روپ ۾ هنن جي آڏيان رکيون.

سوال (۱) اوڀر ۽ اولهه ۾ ڪيتري دوري آهي؟

سوال (۲) آڪاش ۽ ڌرتيءَ وچ ۾ ڪيترو مفاصلو (فاصلو) آهي ؟

سوال (۳) سچ ۽ ڪوڙ ۾ ڪيترو تفاوت آهي؟

راجا هنن کي جواب لاءِ ٽي ڏينهن مهلت ڏني. ٻه ڏينهن گذري ويا پر ڪير به جواب ڏيڻ ڪونه آيون. ٽئين ڏينهن سڀ ڪماريون اُداس من سان جڏهن جهنگل مان راڄ محل ۾ اچي رهيون هيون ته هڪ غريب ڪماري جهنگ ۾ ڪانيون چونڊي رهي هئي. هن انهن کان پڇيو ته هيڏيون شاهوڪار ڪماريون ڇو اُداس آهن؟ تڏهن اميرزاديون آڪڙ ڪري هن جي کلي اڏائڻ لڳيون ۽ دڙڪا ڏيئي چيو، ”وڃ تون وڃين پنهنجو ڪم ڪر ۽ ڪانيون چونڊ، آئي وڏي اسان جي اُداسيءَ ۾ ٽنگ اڙائڻ“.

”تڏهن هڪ ڪماريءَ چيو ته هن کي ڇو ٿيون ڇنڀيو؟ هن کي اُهي سوال ٻڌايائين. غريب ڪماري هئي ته عقلمند پر پنهنجي غربت ڪري پريشان هئي. سوچي رهي هئي مان جيڪر سوالن جو جواب ڏيان ته ڪيڏو نه سٺو“. هڪ پٿر تي ويهي سوچڻ لڳي. اُن جهنگل جي پري جيڪا تمام دياوان هئي هن جي پر ۾ اچي ويٺي ۽ چيائين، ”ڇو تون اُداس ويٺي آهين“ ؟ ڪماريءَ هن کي ٻڌايو ته سوالن جا جواب هن کي سهي ايندا هجن ته مونکي ٻڌاءِ.

پريءَ جهٽ هن تي جادوءَ جي ڏنڊي ڦيري هن کي سندر وستر

پري ۽ راجڪماري

هڪ راجا هو. هو پرجا جي گهڻي پرگهور لهندو هو. پرجا کي پنهنجي سنتان سمجهي اُنهن جي هر ضرورت جو ڌيان رکندو هو. راجا کي ڪا سنتان ڪونه هئي. راجا جو ٻڍاپو اچي ويو ۽ هو بيمار ٿي بستري داخل ٿي ويو.

مرڻ کان پهرين هن راڄ درٻارين کي گهرائي چيو، منهنجي مُئي کان پوءِ وارس ڪير ٿيندو؟ درٻاري هڪ ٻئي جو منهنجو ڏسڻ لڳا ۽ چيائون مهاراج توهان ئي ٻڌائي وجون. ٻڌي راجا چيو، مون وٽ هڪ باز آهي. جيڪو منهنجي مرڻ کان پوءِ ٽن ڏينهن تائين اکيون ڪونه کوليندو، نڪو کائيندو پيئندو، نڪو چرندو پرندو. چوٿين ڏينهن هو هوش ۾ ايندو هن کي چڱي ۽ طرح کارائجو، پيئارجو ۽ پوءِ آزاد ڇڏي ڏجو پوءِ هو اُڏامي جنهن جي ڪُلهي تي وجي وهي انهين کي راڄ گدي ۽ تي وهارجو.

ٿيو بہ اِئين ئي راجا جي مرڻ کان پوءِ ٽي ڏينهن باز نہ اکيون کوليون نہ چريو پريو، نہ کاڌائين پيتائين. چوٿين ڏينهن هن کي هوش آيو. هن کي چڱي ۽ طرح کارائي پيئاري آزاد ڪري ڇڏيو ويو. هو آڪاس ۾ اُڏي ويو ۽ هڪ ريڍار جي ڪُلهي تي وجي وينو. راجا جي چئي مطابق ريڍار کي راجا بڻائي راڄ گدي ۽ تي وهاريو ويو.

ريڍار سمجهو هو. هن راڄ درٻارين جي صلاح سان پهرئين راجا وانگر سنو راڄ هلائي پنهنجي ناموس ڪڍائي، پر جيئن تہ هن شادي نہ ڪئي هئي تڏهن درٻارين هن کي صلاح ڏني، راجن توهان کي شادي ڪرڻ گهرجي جيئن توهان جو وارس توهان کان پوءِ راجا ٿئي نہ تہ وري اُهوئي حال ٿيندو جيڪو ٻڍي راجا جو ٿيو هو. راجا سوچ ويچار کان پوءِ چيو، نيڪ آهي مان شادي ڪندس پر اهڙي ٻڌيمان راجڪماري ۽ سان جيڪا ٻڌيمان ۽ حاضر جواب هجي".

درٻاري، راجن پوءِ ڇا ڪجي؟

(٣) سيني کان وڏي شرم جي ڳالهه چوري ڪرڻ آهي.

راجا سميت سڀ درباري جواب ٻڌي تمام خوش ٿيا. راجا ڏوم ڏام سان غريب ڪماريءَ سان شادي ڪري هن کي راڻي ٻڻايو. راڻي راجا کي هر مشڪلات ۾ سٺيون صلاحون ڏئي راڄ هلائڻ ۾ مدد ڪندي هئي. مشڪل گهڙيءَ ۾ پري راڻيءَ کي پڪاري هن کان صلاح وٺي راڄ ۾ ناموس ڪمايائين.

پرجا ٻنهين جي ٻڌيمانيءَ سان سٺو راڄ هلائڻ جي ڪري آدر ڪندي هئي. جلد ئي راڻيءَ هڪ سندر ۽ سلوني راجڪمار کي جنم ڏنو. راجڪمار کي سٺي نموني نپائي سٺي سکشا ڏياري هن کي راجائيءَ لائق ٻڻايو ۽ راجا کان سندس راجڪمار ئي سٺو راجا ٿيو پرجا جو من جيتي ورتو.



ٻارهين جو هار

سان سچائي سوالن جا جواب به سمجهائي ڇڏيا. پريون صاف دل ۽ پلن ٻارن جون هميشه مددگار ٿينديون آهن.

غريب ڪماري به راجڪمارين سان دربار ۾ پهتي. ڪا به راجڪماري سوالن جو جواب نه ڏيئي سگهي ۽ منهن جهڪائي هار مڃي ويون. تڏهن غريب ڪماريءَ چيو ته راجا مان ٽي هنن سوالن جو جواب ڏيان.

(۱) اوير ۽ اولهه جي دوري هڪ ڏينهن جو سفر آهي ڇو جو سج اوير کان صبوح جو نڪري اولهه کان هر شام جو ٻڏي ويندو آهي.

(۲) ڌرتي ۽ آڪاش جو فاصلو نظر سان ماپيو ويندو آهي ڇو جو جڏهن توهان نظر جهڪائيندا آهيو ته ڌرتي نظر ايندي آهي ۽ جڏهن نظر مٿي کڻندا آهيو ته آڪاش ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

(۳) توهان جو ٽيون سوال ته سچ ۽ ڪوڙ ۾ ڪيترو فرق آهي؟ سچ ۽ ڪوڙ ۾ چئن آنڱرين جو فرق آهي جو اکِ ۽ ڪن جي وچ ۾ چئن آنڱرين جو فرق آهي. راجا غريب ڪماريءَ جا جواب ٻڌي تمام خوش ٿيو. پر راجا ايتري سان سنتوش ڪرڻ وارو نه هو. هن چيو مان ٽي ٻجهارتون ٻيون به پڇندس.

(۱) سيني کان وڏو ڪشٽ ڪهڙو آهي؟

(۲) سيني کان وڏي مصيبت ڪهڙي آهي؟

(۳) سيني کان وڏي شرم جي ڳالهه ڪهڙي آهي؟

هن دفعي به راجا ڪمارين کي ٽن ڏينهن جي مهلت ڏني. ٽئي ڏينهن به ڪا به راجڪماري هنن سوالن جا جواب نه ڏيئي سگهي. پرپري راڻيءَ غريب ڪماريءَ جي مدد ڪري سوالن جا جواب هن کي سمجهائي ڇڏيا ۽ سندر وستر پارائي راڄ دربار ۾ موڪليو. هن سوال جا جواب هن ريت ڏنا.

(۱) بيماري سيني کان وڏو ڪشٽ آهي.

(۲) غريبي سيني کان وڏي مصيبت آهي.

پنهنجي آکڙ واري سڀاءَ جي ڪري تون ٻائرن پينرن ۾ به جهيڙو ڪرائي ٿو وهين، دوستن ۾ به درار ٿو پئدا ڪرين. اِن ڪري ڪير توکي نٿو چاهي. ڏس رميش هي به وڻ هڪڙو نونٽ (سڪل) آهي بيو سائو، توکي ڪهڙو ٿو وڻي"؟
رميش، "هو سائو وڻ".
پري خبر اٿئي سائو وڻ سيني کي ڇو ٿو وڻي؟ ڇو جو هو سيني کي ڇانوَ ٿو ڏئي. مٺا ڦل ٿو ڏيئي، هن ۾ پکي آکيڙو ٺاهي رهي ٿا سگهن. وڏي ڳالهه ته هيءُ ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ پاڻ ڪٽي اَسان کي شڌ آڪسيجن ٿا ڏين، اسان جي ڌرتيءَ کي پردوشڻ مڪت ٿا ڪن. هيءَ نونٽ ته ڪجهه نٿو ڪري سگهي.
رميش ڏيان سان پريءَ کي ٻڌو ۽ روئندي چيو "پري ديدي مان ته بلڪل نونٽ وانگر آهيان. گهر ۾ ڪنهنجو چوڻ ڪونه مڃان، اسڪول ۾ به شرارتيون ڪري پڙهڻ ۾ ڌيان ڪونه ٿو ڏيان".
رميش کي ڌيرج ٻڌائيندي پريءَ هن کي ڀاڪر پائي پيار سان چيو، تون روءِ نه تون هاڻي سنو ٻار ٿي وقت تي اُٿ، سنان پاڻي ڪري صاف سٿرا ڪپڙا پائي اسڪول وڃ توکي سزا نه ملندي، ٽفن ڪٽي وڃ. سيني سان رلي ملي ڪاڏو ڪاءُ ۽ سبق پڙهه ۽ راند ڪر. روز جو هوم ورڪ روز ڪري وقت تي پڙهه ۽ راند ڪر. ٻائرن پينرن سان پيار ونڊ، ماءُ پيءُ جي آڳيا مڃ. وقت جو قدر ڪر ته وقت به تنهنجو قدر ڪندو. پڙهي لکي هوشيار ٿي ته وڏو ٿي لائق ٿين".
پريءَ رميش جا ڳوڙها اُگهيا ۽ هن کي ٿافي ڏيئي چيو، "جيڪر تون نيڪ نهندين ته لائقيءَ لڳندين هاڻي وچن ڏي ته تون منهنجي سبق تي عمل ڪندين".
رميش، "پري ديدي مان توهان کي وچن ٿو ڏيان. مان اڄ کان ئي نيڪ نهندس. پر ديدي توهان وچن ڏيو ته توهان وقت به وقت مون سان گڏجندا رهندا".
پري، ها ها جڏهن به توکي منهنجي ياد ايندي مان تو وٽ حاضر ٿي ويندس".

پريءَ جي سکيا

رميش هڪ سست، شرارتي ۽ بيپرواهہ ٻار هو. گهر ۾ ماءُ پيءُ ۽ ڀائرن ڀينرن جي چوڻ جو هميشهہ ورود ڪري گهر جو نقصان ڪندو هو. جنهن ڪري سڀڪو هن کان ناراض رهندو هو. وقت تي نہ سنان ڪندو هو نہ اسڪول جو هوم ورڪ ڪندو هو. اِنڪري اسڪول ۾ هن کي اڪثر سزا ملندي هئي. هن کي بينچ تي بهاري چڙڻ سان سڀ سهپاٽي هن جي کلي اُڏائيندا هئا ۽ ڪير بہ هن سان منهن ڏيئي نہ ڳالهائيندو هو. ماستر بہ هن کان خفا هئا جو هو سبق ياد ڪري نہ ايندو هو ۽ سوال جو جواب بہ ڪونہ ڏيندو هو. آخر گهر ۾ سڀ هن کي ناڪارو سمجهي هن کان ڪنارو ڪرڻ لڳا.

رميش کي راند جو شونق هو. اِن ڪري شام جو پرسان پارڪ ۾ اچي ٻارن سان راند ڪرڻ جي چاهہ ڪندو هو پر هن جي بُري وهنوار ڪري دوستن ۾ جهيڙو ۽ ڦوٽ وجهائڻ ڪري ڪير بہ هن کي گڏ راند نہ ڪرڻ ڏيندو هو.

اُن ڏينهن بہ رميش کي راند لاءِ ڪنهن ڪونہ پڇيو. ملول منهن ڪٽي رميش باغ جي بينچ تي ويهي روئڻ لڳو.

اُن باغ ۾ هڪ پري ٻارن جي راند ڏسڻ، شور شرابو ٻڌڻ ۽ شرارت ڪندي ڏسندي هئي تہ خوش ٿي ويندي هئي. پريون تمام نرم دل ۽ ديالو ٿينديون آهن پر جيڪر ڪنهن ٻار کي نراس ۽ خاموش ڏسنديون آهن تہ هنن جي دل بہ نراشا سان ڀرجي ويندي آهي.

اُها پري سونهري پرن واري، سونهري وارن واري ۽ چمڪيلن ڪپڙن ۾ هئي. هوءَ اُڏامي اَچي رميش وٽ بينچ تي ويٺي. پريءَ هن جي ڪلهي تي هلڪو هٿ رکيو جڻ هن کي آٿت ٿي ڏنو. رميش هڪڙي سندرءِ پرن واري پريءَ کي ڏسي حيران ٿي ويو. پريءَ چيس، ”تون ڊڄ نہ، مان تنهنجي دوستن وانگر آهيان. مان تہ آڪاش ۾ رهندي آهيان. پر ايڏو پريان تنهنجي نراسا کي ڏسي توکي ڪجهہ سيکارڻ لاءِ آئي آهيان“.

رميش مان جاڻان ٿي تون سيني جو پيارو ٿيڻ چاهين ٿو پر

هڪ ڀلائيءَ جو ڪم

رام ڀڄندي ڊوڙندي ڪلاس تائين پهتو. پيرڊ چالو ٿي ويو هو ۽ ماسترصاحب هڪ شاگرد کان ڪتاب مان ڪويتا پڙهائي رهيو هو. سڀ ٻار پنهنجي پنهنجي ڪتاب ۾ ڏيان سان ڏسون کپائي اُن کي ڌيان سان پڙهي رهيا هئا. ماسترصاحب ڪويتا جو مطلب سمجهائي رهيو هو. رام ڊڄندي پڇيو، سائين مان اچي ٿو سگهان؟ ماسترڪتاب تان نظرهٽائي رام کي ڪنڌ لوڏي ها جو اِشارو ڪيو. رام پنهنجي سيٽ تي اچي ويٺو تہ ماستر پڇيس،

رام، ”اڄ تون ديرسان ڪيئن آئين؟“

رام ڊڄندي چيو، ”سائين معاف ڪندا. هڪ ٻڍڙي امڙ کي رستو پار ڪرائيندي دير ٿي ويئي. امڙ ڪمزوريءَ ۽ ٻڍاپي سبب آهستي هلي رهي هئي. اِن ڪري وڌيڪ دير لڳي“.

رام نظرون هيٺ ڪري ويٺي سوچيو، ”اڄ تہ ضرور ڪا سزا ملندي“

.

ماسترصاحب مُشڪندي رام کي پاڻ وٽ پيارسان سڏ ڪيو. پٺي ٿپري چيائينس، ”شاباس رام، تو اڄ ڀلائيءَ جو ڪم ڪيو. هر ڪنهن کي بزرگن جو سنمان ڪرڻ کپي ۽ ضرورت مهل انُهن کي مدد ڪرڻ يا انُهن جي شيوا ڪرڻ جو موقعو هٿ مان نہ وڃڻ ڏيڻ کپي“.

پوءِ ماسترصاحب ٻارن کي چيو، ”اڄ هڪ پرڻ ڪيو تہ روز ڀلائيءَ جو هڪ ڪم ضرور ڪنداسين“. ٻارن سهمتيءَ ۾ ڪنڌ لوڏي ها ڪئي. پوءِ ماستر صاحب پڙهائڻ ۾ محو ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن رام جڏهن گهرکان اسڪول ۾ اچي رهيو هو تہ رستي جي ڀرسي پاسي ٻنين ۽ باغ جي ساوڪ ڏسي دل ۾ تمام خوش ٿي رهيو هو.

ايتري ۾ هڪ ڪبوتر رام جي اَکيان زخمي ٿي اچي ڪريو. ڪنهن شڪاريءَ هن کي گليل هٽي زخمي ڪري ڇڏيو هو. ڪبوتر جي پيٽ تي هڪ گهرو زخم هو، جنهن مان رت وهي رهيو هو ۽ هو تڙپي رهيو هو. رام کي

رميش گھروچي پريءَ جي سبق مطابق ڪم ڪيو. روٽي کائي سمهين پيو. صبوح جو جلد اُٿي ماءُ-پيءُ، وڏڙن کي پيري پيئي آسيس ورتي، ڏنڻ ڪٽي، هوم ورڪ پورو ڪري، پريس ڪيل ڊريس ۾ اسڪول پهتو. هاڻي روز سبق ياد ڪري هر سوال جو جواب ڏيئي سهپائين ۽ ماسترن جو پيارو ٿي ويو.

رسيس ۾ سڀ گڏ ٽفن کولي ملي جُلهي کاڌو کائيندا هئا. شام جو به رميش بنا ڪير راند ئي شروع نه ڪندو هو. رميش روز پريءَ جا ٿورا مڃيندو هو. جنهن جي سبق ڪري هو هڪ هوشيار بار بڻيو. هڪ آگياڪاري پٽ، هڪ سٺو متر، سٺو ڀاءُ، سڀني کي وڻندڙ بڻيون.

سالاني اِمتحان ۾ هر سال پهريون نمبر اَچي وڏو ٿيڻ تائين اَول رهيو. اسان به پريءَ جو سبق سکون جيئن رميش سکيو.



جي توهان منڊروچي رهيا آهيو
رستي ۾ روئنڊڙ بار کي کلايو اٿو ته سمجهو
توهان منڊر پهچي ويا.

محنتي ٻڍڙو

پراڻي زماني ۾ چندرسين نالي هڪ راجا هو. اُهو تمام نياءُ پريہ ۽ ڌرمي ورتيءَ جو هو. پنهنجي پرجا جو پالن تمام سنڀال ۽ نياءَ سان ڪندو هو. هن پنهنجي منترين کي بہ هدايت ڪري ڇڏي هئي تہ راڄ ۾ ڪو بہ ڏُکي ۽ بکيو نہ رهي. جي ڪنهن کي نياءُ ڪپي تہ اچي راجا کي دانهن ڏئي. راجا بہ انهن جي دانهن ٻڌي صحيح طريقي سان نياءَ ڏيئي هنن کي خوش ڪري موڪليندو هو.

راجا وقت بہ وقت ويس مٽائي راڄ جي پرين ڳوٺن ۾ ڪُڙمين ۽ غريبن جي بستين ۾ ويندو هو ۽ ڏسندو هو تہ ڪو ڏُکي ۽ ستايل تہ ڪونهي؟

هڪ ڏينهن راجا گهوڙي تي چڙهي سئر لاءِ نڪتو. هو اچي هڪ ڳوٺ پرسان پهتو. رستي جي ٻنهي پاسي ٻنين ۾ اَن جي پئداوار لڳي پيئي هئي. ڇئني پاسي ساوڪ ئي ساوڪ لڳي پيئي هئي. ڦلن جا باغ بہ هئا پر تمام ٿورا.

راجا اڳيان وڌيو تہ هن کي هڪ ٻنيءَ جي پاسي ننڍو باغ ڏسڻ ۾ آيو. باغ هو تہ ننڍو پر اُن جي وڻن ۾ ڦل لٽڪي رهيا هئا ۽ ٽاريون هيٺ جهڪي نمرتا ۽ نهٺائيءَ جو سبق سيکاري رهيون هيون.

راجا کي اُڃ ۽ بک بہ اَچي لڳي هئي. راجا باغ ۾ گهڙي ويو. هن ڏٺو هڪ ٻڍڙو اُتي ڪجهہ پوکي رهيو هو. ٻڍڙي کي تہ خبر بہ نہ هئي تہ هو ڪو راجا آهي، تہ بہ هن اُن کي روٽي ۽ پاڻيءَ جي آڇ ڪئي. راجا پاڻي پي ٻڍڙي کان پڇيو، ”بابا توهان هن عمر ۾ هيڏي محنت سان ڇا ڪري رهيا آهيو“؟

تڏهن ٻڍڙي چيو، پٽ، مان انب جي وڻ جو ٻوٽو لڳائي رهيو آهيان“.


راجا کي ٻڌي تمام عجب لڳو. چيائين، ”بابا، هن عمر ۾ توهان هيءَ ٻوٽو پوکيندا تہ انب تہ ڪونہ کائي سگهندا“؟

ٻڍڙي مشڪندي چيو،”اَبا، مان تہ ڪونہ کائي سگهندس پر منهنجا پوٽڙا-پوٽڙيون تہ کائيندا نہ“.

ايترو ٻڌي راجا جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. هن ٻڍڙي جي

ڀلائيءَ جي شڪشا ياد آئي. ڪبوتر کي ڪٽي هن جي مٽي تي هٿ گھمائي پيار ڪرڻ لڳو. پوءِ پکندو اسڪول جي پاسي وڪ واڌايائين.

اسڪول جي پرسان ئي سنت هردارام جيوَ ديا اسپتال پکين ۽ جانورن جو مفت علاج ڪندي آهي. رام سڌو اُتي وڃي ڊاڪٽرن کي ڪبوتر جو زخم ڏيکاريو ۽ اُن تي ملم پٽي ڪرڻ کانپوءِ اسڪول پهتو. اڄ رام جي ڀلائيءَ جي ڪم جي ساراهه ڪندي ماستر صاحب کي فخر ٿيو ته ٻار ننڍپڻ جي شڪشا هڪدم دل ۾ ڌارڻ ڪري وڏي هوندي تائين اُن تي قائم رهندا.



ٻار آئينهه جا اَبا

ترنگو ڀارت جي شان

هر ديش جو جهنڊو اُن ديش جي پهچان ٿيندو آهي. ڀارت ديش جو جهنڊو ترنگو آهي. جهنڊو ديش جي آن، بان ۽ شان جو پرتيڪ آهي. هر ڀارتواسيءَ کي پنهنجي جهنڊي جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي.

ڀارت جو جهنڊو کاڌيءَ جو ٺهيل آهي. آڪار ۾ هن جي لنبائي (ڊيگهہ) ٽي فٽ ۽ چوڙائي (ويڪر) ٻہ فٽ ٿيندي آهي ۽ ترنگي ۾ ٽن رنگن جون پٽيون برابر جي آڪار جون ٿينديون آهن.

سڀني کان پهرين پٽيءَ جو رنگ ڪيسريا (ڪيسري) ٿيندو آهي. جيڪو ديش جي سنمان لاءِ ويرن جي پران جي ٻليدان ويرتا ۽ شوريہ جو پرتيڪ آهي. هيءُ رنگ تياڳ، سنمان ۽ ٻليدان جي نيشاني آهي.

ٻي پٽيءَ جو رنگ اَڇو ٿيندو آهي جيڪو سچ ۽ شانتيءَ جو پرتيڪ آهي. ڀارت سدا شانتي پريہ ديش رهيو آهي ۽ ڀارت واسي ٻہ شانتيءَ ۽ اهنسا ۾ وشواس رکي سڀني ڌرمن، ذاتين ۽ انساني ذات سان ڀائيچاري جو وهنوار ڪري سڀني جو دل جيتي وٺندا آهن.

اڇي پٽيءَ جي وچ ۾ هڪ گول چڪر جنهن جي چوڙائي پٽيءَ جي برابر چڪري جي روپ ۾ ٿيندي آهي جنهن ۾ سائيڪل جي ڦيٿي وانگر سڌيون لائينون چوويهہ ٿينديون آهن جيڪي هر ديش ۽ اِنسان کي چوويهہ ئي ڪلاڪ هلڻ يا جاڳرت رهي سدا اڳيان وڌڻ جو سنديش ٿيون ڏين. اسان محنت ڪندي ديش جي اُڌيوگ، واپار، اُتپادن کي وڌائيندا رهون جيئن ديش کي ٻين ديشن کان شيون گهرائي ڀارت جي مُدرا ٻاهر موڪلڻ جي ضرورت نہ پوي.

محنت ۽ عقلمنديءَ کي من ئي من ۾ ساراهيو.

راجا پڇيو، ”پوءِ بابا توهان ٻين ڦلن جا ٻه ٻوٽا ڇو نه ٿا پوکيو ته عام ماڻهن کي ڪائڻ لاءِ سولائيءَ سان ملن“.

ٻڍڙي چيو، ”ابا، مون وٽ باغ لاءِ زمين تمام گهٽ آهي. ان ڪري پوکڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي. وري ڳوٺ کان شهر تائين پاڇيون ۽ ڦل پهچائڻ لاءِ سولا ۽ پڪا رستا به ڪونهن جن کي منڊيءَ تان پهچائجي“.

راجا ٻڍڙي جي مجبوري سمجهي ويو. هن واپس وڃي منتريءَ کي چيو ته ”هن محنتي ٻڍڙي کي وڏي زمين ۽ پوک ۾ مدد لاءِ ڪجهه مزدور موڪلي ميوي جو باغ لڳارايو ۽ شهر کان ڳوٺ تائين پڪو روڊ پڻ جلد ٺهرايو جيئن شهر ۾ پاڇيون ۽ ڦل ڳوٺ مان سولائيءَ سان منڊيءَ ۾ پهچي سگهن. محنتي اِنسانن کي مدد ضرور ڪجي“.

ٻڍڙي جي محنت ۽ عقلمنديءَ سان جهٽ باغ ته پوکايو ويو، گڏ ئي پڪو رستو به ٺهي تيار ٿي ويو. سڀ ڳوٺ وارا به پوک سولائي سان منڊيءَ ۾ پهچائي ساوا ستابا ٿي ويا. اِئين هڪ اِنسان جي محنت سموري ڳوٺ جو نڪ مٿي ڪري ڇڏيو.



ٻارڙا هئين جا هارڙا

سچا ڳهڻا

بنگال جي ميدنيپور ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ آهي ويرسُر. اِنهن ڳوٺ ۾ هڪ غريب پريوار هو جنهن جو هڪ ٻالڪ ماءُ جي تمام شيوا سنيال لهندو هو. ڳوٺ جي هڪ شاديءَ ۾ ٻالڪ ڏٺو تہ سڀ عورتيون خوب زيور پائي سينگار ڪري اچن ٿيون. پر هن جي ماءُ وٽ زيور آهن ڪونہ. ٻار ڏکي ٿو ٿئي.

هڪ ڏينهن ٻالڪ جڏهن ماءُ کي زور ڏئي رهيو هو تہ پڇيس ٿو ''امان تو وٽ زيور ڪونهن؟''

ماءُ وراڻيو، نہ، پر تون ڇو ٿو پڇين؟

پٽ چيو، ''مان جڏهن ٻين اِسترين کي زيور پائيندو ڏسندو آهيان تہ اِچا ٿيندي آهي تہ تون بہ زيور پائين، امان مان تنهنجي لاءِ زيور نهرائڻ ٿو چاهيان''.

ٻالڪ جي ماءُ جو نالو ڀڳوتي هو چيائينس، ''پٽ جيڪر توکي مون سان ايڏو پيار آهي تہ بس منهنجي لاءِ ٽي ئي زيور نهرائجانءِ.''

پٽ عجب مان پڇيس، بس ٽي زيور، اُهي ڪهڙا ڪهڙا؟ پٽ اڌير ٿي پڇيو.

ماءُ وراڻيو، ''پهريون تہ هن ڳوٺ ۾ ڪو اِسڪول ڪونهين هڪ اسڪول کولائج، ٻيو تہ مريضن جي دوا-درمل لاءِ ڪا اِسپتال ڪونهين اُها نهرائج، ٽيون غريب انا ٿن لاءِ هڪ اناٿاليہ نهرائج. بس منهنجي لاءِ ايهي ٽي ئي ڳهڻا نهرائج.''

ٻار ماءُ جا پير ڇهي هن کي دلداري ڏني تہ مان جلد ئي اِهي زيور نهرائيندس ۽ تڏهن کان ئي هو جي جان سان ماءُ جون اِڇائون پوريون ڪرڻ ۾ جُٽي ويو.

هڪ ڏينهن سپنو ساڪار ٿيو وڏي ٿيڻ تي هن پنهنجي ماءُ جي نالي تي ڀڳوتي وديالیہ، اسپتال ۽ اناٿاليہ نهرائي ڏنا.

اُهو ئي ٻار اڳيان هلي ايشور چندر وديا ساگر جي نالي سان مشهور ٿيو.

ٽين پٽيءَ جو رنگ سائو ٿيندو آهي جيڪو ديش جي ساوڪ، خوشحالي، ويرتا ۽ وشواس جو پرتيڪ آهي. ديش ۾ ساوڪ معنيٰ پوک کي وڌ ۾ وڌ پروتساهت ڪيون جيڪي ان، ڦل، جو وڌ ۾ وڌ پوک ٿي ديش ۾ پکين ۽ جانورن جي ضرورتن کي بہ پورو ڪري سگهجي.

جهنڊو ڀارت جي شان آهي. اُن جو سنمان ڪرڻ هر ڀارتواسيءَ جو فرض آهي. سنسد ڀون تي جهنڊو هميشہ ڦهريو رهندو آهي. باقي جڳهين تي راشٽريہ ڏينهن پندرهين آگسٽ ۽ ڇويهہ جنوريءَ تي ئي ڦهرايو ويندو آهي.



ٻارڙا من ٺارڙا

نيڪ دل اِنسان

هڪ دفعي سنت عمر کي هڪ غلام ٻڪريون چاريندو نظر آيو. هن ڇرواهي کان پڇيو، ”ڇا هن مان هڪ ٻڪري وڪڻندين؟ غلام چيو، معاف ڪندا، هيءَ ٻڪريون منهنجون ڪونهن هنن جو مالڪ ٻيو ڪير آهي. مان تہ صرف هنن کي چارڻ جهنگل ۾ وٺي ايندو آهيان. تڏهن عمر چيو، هن وقت تہ تنهنجو مالڪ هتي آهي ئي ڪونہ. تون مان ميٽ ۾ هڪ ٻڪري مونکي ڏئي ڇڏ. جيڪر مالڪ پڇئي تہ چئي ڇڏجانس تہ بگڙ ٻڪريءَ کي کائي ويو“.

ڇرواهي چيو، ”مالڪ هتي نہ آهي تہ ڇا ٿيو؟ گهٽ گهٽ واسي مالڪ تہ ڏسي رهيو آهي! انهن کان ڀلا اِها ڳالهہ لڪل ڪيئن رهندي؟ مهرباني ڪري مونکي غلط ڪم ڪرڻ لاءِ نہ چئو“.

عمر ٻڌي ڪري چيو، ”تون سچ پچ نيڪدل ۽ ايماندار اِنسان آهين. ايشور تو جهڙي اِنسانن کي ئي پسند ڪندو آهي“.

عمر ڇرواهي جي مالڪ کي من گهڙي قيمت ڏيئي غلاميءَ کان آجو ڪرايو، پوءِ سنت عمر اِئين چئي هن کان جدا ٿيو، ”جهڙيءَ طرح مون توکي غلاميءَ کان آزاد ڪرايو آهي، اهڙيءَ طرح ايشور بہ توکي دوزخ (نرڳ) جي ڏک کان ڇٽڪارو ڏئي جنت (سرڳ) ۾ جڳهہ ڏيندو“.



ٻار من جا سچا ٿيندا آهن.

سچ آهي سونا ڳهڻا تہ سيڪو پيو پائي ۽ وقت گذرندي اُنهن جو نالو نشان مٽي ٿو وڃي، سچا ڳهڻا تہ آهن اِنسان جون خاص ضرورتون، وڏيا جهڙو ڏن پيو ڪو نہ آهي جيڪو اسان جي انڌڪار کي مٽائي اسان کي روشني ۽ ڏانهن وٺي ٿو وڃي. شيوا جهڙو ڪم تہ اسپتال ۾ ٿئي ٿو جتي بيمارن جون بيماريون دور ٿيون ڪيون وڃن. اناٿن جي رهڻ ۽ ڪائڻ لاءِ اناٿاليہ بہ تمام ضروري آهن. اسان جا سنت مهاپرش اڄ نہ صرف مندرن ۾ شيوا تائين محدود آهن پر اڄ وڏا آشرم، ناري شالائون ۽ گئو شالائون، اسپتالون نهرائي جن جن جي شيوا جو جس پيا لٽين.








پٽ روشن ڪري هڪ ڪُل
ڌي ۽ ناري بہ ڪُل

وڏي مشڪل ڪنن بازي اَول اچي ڪو مري مري
دنيا جي موه ساگرڪان جهٽ وڃي سو تري تري
ڪوئي پيئي تہ مان ڏيان پيالا پريم جا ڀري ڀري.

ايشور درشن ڏئي ٿو پر دين، دکين ۽ دردرن ۾ جن تي اسان جي نظر ٽڪي ئي ڪونہ. ڀڳوان تہ انسان جي وچڙئي آهي.

ٻارو توهان کي بہ ضرورتمندن ۽ لاچارن ۽ دين دکين جي مدد ننڍپڻ کان ڪرڻ جي عادت وجهڻ کپي جيئن من ۾ سدا خوشي ۽ سنتوش رهي.


महर्षि रमण



پٽ آهي هيرو تہ موتي آهي ڌيءُ

ڀڳوان اسان جي وچ ۾

مهرشي رمڻ کان ڪن ڀڳتن پڇيو، ڇا اسان ڪي ڀڳوان جا درشن ٿي ٿا سگهن؟ مهرشيءَ وراڻيو، ”ها ها ڇو نه! پر ڀڳوان کي سڃاڻڻ لاءِ اهڙيون اکيون به هئڻ ضروري آهن“.

مهرشي رمڻ چيو، ”هڪ هفتي تائين مندر ۾ پوري تن من سان ڪيرتن ڪيو، ستين ڏينهن ڀڳوان ايندا، انهن کي سڃاڻي، درشن ڪري ڌنيه ٿي وڃجو“.

ڀڳتن مندر کي سجايو، سنواريو، ڀڳوان جو سندر ڍنگ سان سينگار ڪيو ۽ ڪيرتن ڪرڻ ۾ لڳي ويا. مهرشي به وقت به وقت اچي ڪيرتن ۾ وهندا هئا.

ستين ڏينهن ڀنڊارو ڪرڻ جو ڪاريه ڪرم هئو. ڀڳوان کي ڀوڳ لڳائڻ لاءِ طرح طرح جا سوادي تعام (ڇتيهه ڀوڄن) ٺاهيا ويا. مندر جي سامهون پريرو هڪ وڻ هيٺان ميرن لٽن ۾ هڪ ڪوڙهي وينو هو. اِنهيءَ آس ۾ ته مونکي به ڪجهه پرساد ضرور ملندو.

هڪ ديالو ڀڳت پوري ڀاڇيءَ ۽ پرساد سان ڀريل دونا هن غريب لاءِ کڻي وڃڻ تي ئي هئو ته هڪ برهمڻ هن کي لتاڙ لڳائيندي چيو، هيءُ پرساد ته ڀڳتن لاءِ آهي، ڪنهن ڪنگال ڪوڙهيءَ لاءِ ڪونه ٺاهيو ويو آهي. اِهو ٻڌي هو ويچارو دونا واپس کڻي آيو، مهرشي رمڻ اِهو نظارو پريان ويٺي ڏسي رهيا هئا.

ڀنڊارو سماپت ٿيڻ کان پوءِ ڀڳتن مهرشيءَ کان پڇيو، ”اڄ ستين ڏينهن به ڀڳوان نه آيو ئي ڪونه“!

”مندر جي ٻاهر جيڪو ڪوڙهي وينو هو اهو ئي ڀڳوان هئو. توهان جي نيٽن (چڪشن) هن کي ڪٿي سڃاتو“؟ مهرشيءَ چيو.

ڀڳوان جي درشن جي پياسي ڀڳتن جا منهن لهي ويا. ڀڳوان هنن جي وچ ۾ هو پر هو اگياني هن کي سڃاڻي نه سگهيا. چيو به ويو آهي.

ويهي رهيو.

اکيون ٻوٽي هو جاپ ڪرڻ لڳو ڪجھ ڪلاڪ گذري وڃڻ کان پوءِ راجا جي ڪنن تي ڪنهن اِستريءَ جون دردي داهون هن جي جاپ ۾ وگهن وجهڻ لڳيون. راجا گهڻيئي چاهيو تہ هن جو ڌيان ڀنگ نہ ٿئي. پر دانهون وڌيڪ زور پڪڙينديون ويون جن سان راجا جي دل بہ درد سان ڀڃڻ سان آجي نہ رهي سگهي.

راجا آسن تان اُٿي آواز جي ڏوهہ تي اُٺي پهتو جتي هوءَ اِستري زار زار روئي ۽ ٻاڏائي رهي هئي. هڪ ڪکن پنن جي جهوپڙيءَ ۾ هڪ جوان عورت ٻار کي گود ۾ کڻي ويٺي هئي ۽ ٻيبسيءَ سان هن کي ڏسندي هن کي چُمي رهي هئي. ٻار نئون چاون ٿي لڳو ۽ هو پيلو لڳو پيو هو ۽ تمام ڏيما ساهہ کڻي رهيو هو.

راجا اندروجي ڄاتو تہ ٻار بيمار آهي ۽ هوءَ هن وقت هن جي لاءِ ويد يا حڪيم آڻڻ ۾ ناڪام آهي. راجا هم ڪئي نہ تم. راجا جو گهوڙو تہ هن سان هئو ئي گهوڙي تي راجا تيزيءَ سان ڀرسان ڳوٺ ۾ وڃي هڪ هوشيار تبيب کي وٺي آيو. تبيب جي دوا درمل سان ٻار سرهو ٿيڻ لڳو. راجا تبيب کي ٻار لاءِ روز اچڻ ڏسڻ جي حدايت ڪئي ۽ اُها اِستري راجا کي هزار هزار دعائون ڏيڻ لڳي.

صبوح ٿيڻ وارو هو. راجا اچي پنهنجي آسڻ تي ويٺو هاڻي هن جو من تمام هلڪو ۽ سنتوش پرد پئي لڳو. راجا جاپ ۾ لين ٿي ويو.
ڪجھ وقت کان پوءِ سورج ڀڳوان جي ڪرپا سان اُجالو ڦهلجي ويو. راجا جي تہ اندر ۾ ئي اُجالو ڦهليو پيو هو.

راجا جيءَن ئي اکيون کوليون ڏنائين هن ڏاريءَ ۾ ساوا پن خوشيءَ

ديا ڌرم ڪا مول هئہ

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ هڪ راجا شڪار ڪندي اچي گهاٽي جهنگل ۾ پهتو. شام ٿي وئي هئي ۽ انڌيرو ٿيڻ وارو هو. هن کي ڪنهن اَجهي جي تلاش هئي. ڪجهہ وقت هلڻ کان پوءِ هن ڏٺو تہ هڪ رشي بن ۾ تپسيا ڪري رهيو آهي. راجا هن جي تپسيا ڀنگ نہ ڪئي ۽ پاڻ هن جي سامهون ويهي رهيو.

راجا تمام ٿڪل هو ۽ راڄ بہ هلائي ٿڪجي پيو هو. هن نشچو ڪيو تہ مان بہ هتي وِيهي چو نہ تپسيا ڪيان تہ ايشور کي پائي پرلوڪ سڌاريان. رشيءَ جي تپسيا جڏهن ڀنگ ٿي تہ راجا هن جا چرڻ ڇهي آشيروداروڙتو ۽ پنهنجو نشچو بہ ٻڌايو.

رشيءَ چيو تہ ”تپسيا ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. راڄ هلائڻ بہ سولو آهي پر ايشور کي پائڻ ڏکيو. هن لاءِ من ايڪاگر ٿيڻ کپي. هيڏانهن هوڏانهن جي حالتن تي ڌيان نہ ڏيڻو آهي. من جي اِڇائن کي ماري، دمن ڪرڻو پوندو“.

راجا تمام منويوگ سان تپسويءَ جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو ۽ ڪنڌ لوڏائي ها، ها ڪندو پئي ويو. ايتري ۾ هڪ ڏنڊو جيڪو تپسويءَ جي آسن جي سامهون ئي زمين ۾ کُتو پيو هو اُن تي راجا جي نظر پئي. هن عجب مان پڇيو ”سائين هيءُ ڏنڊو ڇا لا چو کُپايو اٿو“ ؟

رشيءَ چيو ”مان پندرهن سالن کا هڪ چٽ تي ويٺو جاپ ڪيان ۽ جڏهن مان جاپ شروع ڪيو اُن ڏينهن ئي هيءُ ڏنڊو بہ کُپائي ڇڏيو هئو. جنهن ڏينهن هن ڏنڊ ۾ پن ڦٽي ايندا سمجهو اُن ڏينهن منهنجي تپسيا سڦل ٿي. ڀڳتي قبول پئي“ . راجا بہ هڪ ايڪانت ۾ آسڻ لڳايو ۽ وڻ مان هڪ سُڪل ڏاري پٽي آسن اڳيان زمين ۾ کُپائي ڇڏيائين. راجا جاپ ڪرڻ

پريم ۾ ئي جي تور تڪ

هڪ سادو هو، جنهن گهڻي ماڻهن ڦيرين ۾ جپ تپ ڪيا. هن کي اِهو اهنڪار ٿي ويو هو تہ مون جيترين مالهائون ڪنهن ڪونہ ڦيريون هونديون. جن جي ڳڻپ لکن، ڪروڙن ۾ هوندي تہ بہ ايشور جي درشن جي اِڇا هن جي پوري نہ ٿي هئي.

هڪ ڏينهن هو بزار مان لنگهي رهيو هو. هن ڏٺو تہ هڪ ڏوڏي عورت ڪير وڪڻي رهي آهي. سيني گراهڪن کي هوءَ ماپ جي باسڻ سان ڪير ڏئي رهي هئي. ٿوري دير ۾ هڪ ماڻهو آيو جنهن سان هوءَ کلي ملي ڳالهائي رهي هئي ۽ هن کي ڪير بنا ماپ اڻ ميو ڏئي ڇڏيائين. ٻئي تمام خوش پيا لڳن.

سادوءَ سوچيو مائي سيني کي ماپي ٿوري ڪير پئي ڏئي پر هن ماڻهوءَ کي تہ هن اڻميو ڪير بنا ماپي ڏئي ڇڏيو. اِن ۾ ڪهڙو راز آهي؟ هو اڳيان وڌي ڏوڏيءَ عورت وٽ ويو ۽ پڇيائينس، ”تو اڻ ميو ڪير خوشيءَ خوشيءَ ڏئي ڇڏيو. اِهو ڇا ڪيئن“؟

ڏوڏڻ کلندي چيو، ”مان هن کي پيار ڪندي آهيان پيار ۾ ڇا حساب ڪتاب ڪهڙو ناپ جوک ڪهڙي؟ پيار تہ اڻميو ٿيندو آهي. بشرطي هو سچو هجي ۽ هڪ طرفو نہ پر ٻنهين طرفو هجي،“ ائين چئي هوءَ کلڻ لڳي ۽ پنهنجي ڪم تي رُڌي وئي.

سادوءَ جا تہ تاڪ لڳي ويا. سوچيائين ”هن اڻ پڙهيل ۽ اڳياني مائيءَ وٽ ڪيڏو نہ گيان پريو پيو آهي“؟

مان ايشور جي پيار لاءِ مالهائون ڳڻڻ ۾ ڳڻپ پيو ڪيان. جڏهن تہ سچي پيار ڪرڻ لاءِ بي اِنتها پريم ۽ نام جپڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ايشور اسان کي جيون ڏئي ٿو، پالي پوسي ۽ روزي روٽي پهچائيندو ٿو رهي هن ڪڏهن اچي ڪونہ چيو آهي تہ منهنجو ڪو احسان توهان تي آهي! نہ

سان جهومي رهيا هئا. راجا جو من بہ خوشيءَ سان جهومڻ لڳو.

تپسويءَ جڏهن ڏنڊي ۾ قتل پڻ ڏٺا تہ وائڙو ٿي ويو. راجا جي تپسيا سڦل ٿي وئي هئي. هن تپسويءَ کان موڪلايو ۽ گهوڙي تي چڙهي روانو ٿي ويو. راڄ ۾ هن کي سڻا ڪم ڪرڻا هئا.

هاڻي توهان ئي ٻڌايو تہ ڇو راجا جي تپسيا سڦل ٿي ۽ رشيءَ کي اجان گهڻو وقت لڳندو؟

تانپربہ اِهو آهي تہ
ديا ڌرم ڪا مول هئہ، پاپ مول ابيمان.
تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لڳ گهٽ ۾ پراڻ.



ٻال هٺ، راڄ هٺ، ترِيا هٺ ٽئي هٺ مشهور آهن

ڏُک بہ هو ڏئي تہ صبر بہ هو

رامڪرشن پرمهنس هڪ يوگي پئي ٿي گذريو آهي. وويڪانند کي اِهائي جڳياسا هئي تہ هو ايشورکي اکين سان ڏسي دل سان محسوس ڪري ۽ پاونا ۾ هن جو وجود (استيتوَ) سويڪار ڪري.

پهرئين دفعي رامڪرشن پرمهنس سان گڏجڻ تي ئي هن رامڪرشن کان اِهو ئي سوال پڇيو، ”ڇا توهان ايشورکي ڏٺو آهي“ ؟ رامڪرشن چيو، ”ها مون ايشورکي ڏٺو آهي ۽ مان توکي بہ هن جو درشن ڪرائي سگهان ٿو“ .

وويڪانند عجب ۾ پئجي ويو پر جيئن ئي رامڪرشن پنهنجي پنهين هٿن سان وويڪانند جي ٻانهن کي اسپرش (ڇهيو) ڪيو تہ وويڪانند کي هڪ دم ايشوريہ انيئہ ٿيو ۽ اُنهيءَ مهل کان ئي هن ايشورجي درشن جي انيوتي ڪئي ۽ ايشورجي وجود جو احساس ڪري رامڪرشن کي پنهنجو گرو قبول ڪيو.

زندگيءَ جي آخري منزل تي رامڪرشن کي ڪئنسر جهڙي لاعلاج بيماريءَ سان مقابلو ڪرڻو پيو. هن جي گلي جي ڪينسر ايڏي خطرناڪ ٿي جو پاڻيءَ جو هڪ ڍڪ بہ سندس گلي مان هيٺ نہ لهي ٻاهر نڪري ايندو هو.

رامڪرشن جا شش هن جي اهڙي حالت ڏسي تمام دکي ۽ بيوس محسوس ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن وويڪانند هن جي اهڙي حالت ڏسي رهي نہ سگهيو. هن جي اکين مان ڳوڙها وهي هن جي ڳلن تي تري آيا. هنن رامڪرشن کي چيو، ”گرو ديو! توهان ايشورجا هيڏا ڀڳت آهيو. توهان گهٽ ۾ گهٽ هنن کان ايترو تہ گهرو تہ هيءُ پاڻي تہ توهان جي گلي مان هيٺ لهي وڃين

ڪڏهن اسان کي ڀليو آهي. جڏهن هو آتميو پيار ڪري ٿو ۽ اسان ماپ تورڻ لڳا پيا آهيون.

ساڌوءَ کي جيڪو نام جپڻ جو اهنڪار هو سو ڇوٽي ويو ۽ هاڻي هو آتميو جاپ، بنا مالها ۽ بنا ناپ جوک جو ڪري ۽ نهين پاسي برابر پريم جو رستو ناهڻ ۾ رڌيي ويو.

ڇوڻ جو تاتريو اِهو آهي تہ ايشور اسان جي سدا سنيال ۽ پريم سان سار لهي پيو. اسان کي بہ هن لاءِ آتشي عشق هئڻ کپي. بيوس سائين لکن ٿا.

رام چئون، رحمان چئون، مطلب تہ سڏو الله سان آهہ.
دين چئون يا ڌرم چئون، منشا تہ اُنهيءَ جي راهہ سان آهہ.
عشق چئون يا پريم چئون، اڇا تہ اُنهيءَ جي چاهہ سان آهہ.
ساڌو بڻون يا سالڪ ٿيون، مقصد تہ دل آگاهہ سان آهہ.



جنهن مندر ويندي رستي ۾ روئندي ٻار کي
کلايو آهي اُن وڏو پيچ ڪمايو

بزرگن جي شيوا تن من سان ڪيون

سس تمام ٻڍي ٿي وئي هئي. منهن مان لار ڪرڻ لڳندي هئس. نونهن جڏهن سس کي روٽي ڏئي ته ڪاڏو ڪائڻ مهل ٿالهيءَ ۾ لار ٽپڪي پئي. نونهن کي ٿالهي صاف ڪرڻ ۾ ٻُڇان ايندي هئي.

تڏهن نونهن کي هڪ ڪمائتي ترقيب سُجهي آئي. هن سس کي ٺڪرن جي باسڻ ۾ کاڌو ڏيڻ شروع ڪيو جن کي صاف ڪرڻ جي زحمت هن کي ڪانه ڪرڻي پوندي هئي ۽ هوءَ روز ٺڪر اُڇلي ڇڏيندي هئي.

وقت گذرندو ويو. هن نونهن جي به نونهن گهر ۾ آئي. هن پنهنجي وڏي سس سان ٿيندڙ وهنوار کي ڏٺو. هن کي تمام بُرو لڳو پر ڪري ڇا ٿي سگهي؟ سندس کي ڪجهه چئي به نٿي سگهي.

هڪ ڏينهن نئين نونهن کي به هڪ ڪمائتي رٿ سُجهي آئي. هن وڏي سس جي خالي باسڻ کي ڌوئي صاف ڪري هن جي سس کان لڪائي اندرئي ڪمري جي ڀڃتيءَ تي رکندي وئي. ڪجهه ڏينهن ۾ ٺڪرن جو ڍير جمع ٿي ويو.

ڏياريءَ کان پهرين گهر جي صفائي ڪرڻ ضروري هوندي آهي. سس جو ٺڪرن جو ڍير ڏٺو ته نونهن کان پڇيائين، ”هي ٺڪر ڇو جمع ٿيا آهن“ ؟

نونهن چيو، ”اڄتي هلي ڪري ڪهڙي خبر ٺڪر جا باسڻ مونکي نه ملي سگهيا ته منهنجو ڪم ڪيئن هلندو؟ اِن ڪري ٺڪرن کي ڌوئي صاف ڪري جمع ڪري رهي آهيان“.


سس چيوس، ”ڪجهه ڏينهن ۾ ته وڏي سس مري ويندي پوءِ ڀلا ڇو“ ؟

نونهن چيو، ”هيءُ توهان جي لاءِ جمع ڪري رهي آهيان. ٻڍي ٿيڻ کان پوءِ توهان جي به لار ڪرڻ لڳندي ته ٿالهيءَ ۾ پيل لار

اسان ڪان توهان جي هيءَ حالت سني نٿي وڃين.

رامڪرشن تمام صبر ۽ ڌيرج سان چيو، ”نريندر تون جو هيءُ پاڻي تو پيين، روٽي ۽ تعام ٿو کائين، مٺائي ٿو کائين سان به تہ مونکي ئي ٿي پهچي. جڏهن تنهنجي پاونا اِها آهي تہ هيءُ سڀ مونکي ملي تہ تون کائين ۽ مونکي پهتو پيو آهي“.

اهڙي صبر ۽ ڌيرج جو جواب ڀڏي وويڪانند کي بہ صبر اچي ويو. سچ آهي ڏُک ڏيڻ وارو بہ هو ۽ صبر ڏيڻ وارو بہ هو.



ماءُ ڇٽيندي پٽڙا پاڳ نہ ڏيندي ونڊي.

تون تہ خود لکاپتي آهين

جارج برناڊ شاھہ وڏو دارشنڪ، ويچاروان ۽ داني هو. ضرورتمندن جي مدد هو ڪُلئي دل سان ڪندو هو. هڪ ماڻهو هن جي درپاهہ دلي ڏسي پنهنجي مفلسي ۽ تنگيءَ سبب هن وٽ ويو. هن کي وشواس هو، هوُ ضرور هن جي مدد ڪندو.

ضرورتمند چيس، ”سائين مان تمام غريب آهيان مهرباني ڪري مونکي ڪجھ رقم ڏئي مدد ڪيو، مونکي اميد آهي تہ توهان نراس نہ ڪندا“.

برناڊ شاھہ چيس، تنهنجي ضرورت گھٽي رقم مان پوري ٿيندي؟

ضرورتمند چيو، ”جي پنجاهہ هزار رپيا ملي وڃن تہ مان شڪرگذار رهندس“.

برناڊ شاھہ چيس، ”ها مان توکي پنجاهہ لک روپيا ڏيندس پراُن جي بدلي توهان کي بہ ڪجھ ڏيڻو پوندو“.

ضرورتمند، ها ها چئي تہ ڏسو، ”پر مون وٽ تہ ڪجھ آهي ئي ڪون“.

برناڊ شاھہ چيس، ”ڇا توهان بدلي ۾ پنهنجي هڪ اک ڏئي سگھندا“؟

ضرورتمند ڇا تہ هوش ئي اڏامي ويا تہ هي ڇوي ڇا ٿو؟

چيائين، ”سائين اک تہ منهنجي لاءِ تمام قيمتي آهي. اک وڃڻ کاں پوءِ مان ڏسي ڪيئن سگھندس“؟

”پوءِ ٻلا پنهنجي هڪ ٻانهن ئي ڪٽي ڏيو، مان توهان کي پنجويهہ لک ڏيندس“.

ضرورتمند من ئي من برناڊ کي ٻُرو سمجھڻ لڳو. چيائين، ”سائين ٻانهن بنا تہ مان اپاهج ٿي ويندس. اِها بہ منهنجي لاءِ تمام قيمتي آهي“.

برناڊ شاھہ چيس، ”ڀلا هڪ ٽنگ ئي ڪٽي ڏي مان توکي پنجاهہ لک ڏيندس“.

صاف ڪونہ ڪرڻي پوندي. انهيءَ ڪري توهان کي هنن نڪرن ۾ ٿي ڪاڏو ڏيڻو پوندو“.

اِهو ٻڌي سس تہ سُن رهجي وئي. هن جا تہ تاڪ لڳي ويا.

هاڻي توهان ئي ٻڌايو تہ سس وڏيءَ سس سان ڪهڙو وهنوار ڪيو هوندو؟ بزرگن جي شيوا تن من سان ڪيون.

چوڻ جو تاتپريہ اِهو آهي تہ جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي. اِنسان کي زندگيءَ جي هر ٿهيءَ ۾ ڪجھ نہ ڪجھ سکڻو آهي پوءِ اُها سکيا اسين ڪنهن وڏي مان حاصل ڪيون يا ننڍي مان، گياني‌ءَ مان يا اڳ ياڻيءَ مان پر سکون ضرور.



ٻارڪي ماءُ پيءُ ننڍپڻ ۾ آڳروني هلڻ سيکاريندا آهن
ٻارڪي بہ کپي تہ ٻڍاپي ۾ ڪمزور ٿيڻ تي
آڳوني هلڻ ۾ مدد ڪن.

ڏرتي اٿميو ڏيندڙ مانا

سُمترا نندن پنت هنديءَ جو ناميارو شاعرتي گذريو آهي. الموڙا جي حسين قدرتي نظارن جي وچ ۾ رهندي. هن قدرتي نظارن جا اهڙا چِٽ چِتيا آهن جن هن کي ڪويتا جي ڪيتر ۾ ايڏي تہ مشهوري ڏني آهي جو هندي ساهتيہ هن جي ڪاويہ بنا اڌورو ڀاسندو. هن هنديءَ کي مالا مال ڪيو آهي پنهنجي رچنائن سان.

سُمترا نندن پنت هڪ ڪويتا لکي آهي تہ ننڍپڻ ۾ جڏهن مان ابوجهہ هوس تہ مون هڪ ڏينهن رُپئي جو سڪو زمين ۾ مٽيءَ ۾ دٻائي سوچيو هو تہ ڪنهن ڏينهن سڪي جو بہ وڻ ايرندو ۽ اُن ۾ سِڪا ائين ئي لٽڪندا جيئن صوف، انب، نارنگيون ۽ آلو بخارا لٽڪندا آهن. پوءِ ڪيڏو نہ مزو ايندو. بنا محنت جي مان اميرتي ويندس.

ڪجھ ڏينهن ڪويءَ سڪي جو ٻوٽو ڦٽڻ جو اِنتظار ڪيو. پر پوءِ ڪوتي ڏٺو تہ سڪو اوهڙو جو اوهڙو هو.

ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ ڪويءَ سيم ڦرين جا ٻج زمين ۾ دٻائي ڇڏيا. ڪجھ ڏينهن ۾ سڀ ٻج ڦٽي چڪا هئا ۽ اُنهن ۾ ننڍا ننڍا پن نڪري آيا. سڀ هڪ جهڙا. جيئن تہ فوجي. هڪ ئي يونيفارم ۾ پريڊ ڪندا تمام لُپائيندڙ لڳندا آهن تيئن ٻوٽا وڌندا ويا ۽ وڏا ٿي وڏين ولن جي روپ ۾ ڇٽني پاسي وڌڻ لڳيون. هنن ۾ هزارين ننڍا ننڍا گل ڪڙيا جن ۾ ڦريون وڌڻ لڳيون اُهي ايتري انداز ۾ لڳيون جو سڄي گهرڪاڏيون، سيني سنبنڌين بہ کاڌيون، پاڙيوارن ۽ آسپاس وارن ۾ خوب ورهايون. ورهائڻ ۾ ڪيڏو نہ سک آهي. ڏيڻ ۾ وڏو سک آهي. ڌرتي اسان کي ڪيترو ڏئي ٿي. اِن جو انداز اُهو ئي ٿو ڄاڻي سگهي جيڪو محنت ۽ صبر سان ٻج پوکي ۽ اُنهن جي ڦٽڻ جو اِنتظار ڪري. هن کي وقت بہ وقت مٽي، پاڻي ۽ پاڻ ڏئي. پوءِ ڌرتي هن

ضرورتمند چيس، ”تنگ بنا تہ منهنجو جيون ئي ڏکيو ٿي ويندو. مان لاچارٿي ويندس. مان هلي ڪيئن سگهندس“؟

تڏهن برناڊ شاهہ چيس، ”جڏهن تو وٽ سرير جا سڀ عضوا جيڪي قيمتي آهن تو وٽ موجود آهن، تون اپاهج بہ ڪونهين، تون هلي چلي، ڪم ڪار ڪري، محنت ڪري پنهنجو پيٽ پالي ٿو سگهين. توکي گهرڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪونهين. تنهنجا لکن جا عضوا تو وٽ آهن“.

ضرورتمند سوچيو واقعي مون وٽ منهنجو لکن جو سرير آهي. هن پرڻ ڪيو تہ اڄ کان هٿن پيرن سان محنت ڪري مان پنهنجون ضرورتون پوريون ڪندس.

ضرورتمند چيو، ”سائين مان توهان جو شڪرگذار آهيان جو توهان منهنجون اکيون کولي ڇڏيون هاڻي، مان محنت جي راهہ هلندس ۽ هو ايشورکي ڌنيواد ڏيندو نئين زندگيءَ جي راهہ تي اڳيان وڌڻ لاءِ همٿ سان وڌندو ويو“.

چوڻ جو تاتپريہ اِهو آهي تہ ٻن هٿين پيري اِنسان کي هٿ ٽنگڻ نہ سونهائي هن کي محنت ڪرڻ جڳائي.



बरनाड शाह

ڀڳوان بہ ٻارن کي پيار ڪندو آهي.

چنتا چتا سمان

هڪ ڇوڪرو الهڻ، مستانو ۽ بيپرواهه هو. بيپرواهه اِنسان کي ڪا چنتائي ڪونه هوندي آهي. کائيندو پيئندو مست رهندو هو. ڳالهه ڪندا آهن تہ پراڻي زماني ۾ راجائون هاٿيءَ جي هؤدي تي ويهي پنهنجي راڄ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ اڳيان ۽ لاءِ لشڪرپنيان ايندو هو ماڻهو راجا جي جلوس لاءِ رستو صاف ڪندا ويندا هئا ڪنهن جي همت ڪونہ هوندي هئي جو هو راجا جي سواريءَ اڳيان اچي هن جي شان ۾ غستاخي ڪن.

اڳيان راڄ جو جهنڊو کڻي باڊي گارڊ هلندا هئا ۽ آس پاس بہ باڊي گارڊ ڪنهن کي جلوس وٽ نہ اچڻ لاءِ اِشارا ڪندا ويندا هئا.

راجا هاٿيءَ تي سوار ٿي اچي رهيو هو. دربان چوندو پيو هلي ساوڌان راجا جي سواري پڌاري رهي آهي. هوشيار، رستي جي ٻنهين پاسي بيٺل پرجا گلاب جي پنکڙيون ٻڪ ڀري راجا ڏانهن اُڇليندا پئي ويا. سڄو رستو گلاب جي گلن سان ڍڪجندو ٿي ويو. راجا ساڄو هٿ کڻي مٺي مُسڪان سان پرجا جي ايپوادن جو جواب ڏيئي رهيو هو.

پرجا خوش هئي هن راجا جو درشن ڪيو ۽ راجا بہ خوش هو تہ پرجا هن جي خوش آهي ۽ دل سان هن جي آجيان پئي ڪري. ايتري ۾ راجا جو هلندڙ هاٿي بهي ويو ۽ پنيون قافلو بہ بهي ويو. سيني ۾ هاءِ مچي وئي تہ هي ڇو ۽ ڪيئن ٿيو؟

ڏسن تہ هن ڇوڪر جيڪو الهڻ، مست هو هاٿيءَ جي پڇ پڪڙي هن کي بهاري ڇڏيو. دربارين اچي ڇوڪر کي ورايو. چئي هي ڇا ٿو ڪرين؟ مستي ڇڏ هيءَ راجا جي سواري آهي. پر ڇوڪر مست مزي سان کلي پيو. هن کي تہ ڪنهن جو ڊپ ئي نہ پيو ٿئي.

جڏهن دربان هن سان زور زبردستي ڪرڻ لڳا تہ راجا جي ڪن تي بہ پرلوَ پيا. جڏهن راجا ٻڌو تہ ڇوڪرئي هاٿيءَ کي روڪيو آهي تہ عجب ۾ پئجي ويو. سوچيائين، ”ٻيلي اهڙو ٻلوان ماڻهو تہ مون ڏٺو ٻڌو ڪونهين هن کي منهنجي دربار ۾ هئڻ گهرجي“.

کي اٿميو اُن، ڦل، ڀاڄيون ڏينديءَ سڀ سکيا ستايا ٿيندا. ڌرتي اسان جي ماتا آهي ڇو جو هوءَ اسان کي ان ڌن سان پرپورتي ڪري.

چوڻ جو تاتپريہ اِهو آهي تہ اسان محنت ڪري ساوا ڀاوا ٿيون. سکي جي وڻ جي آس نہ ڪيون. ڇيو بہ ويو آهي.

محنت ڪر انسان جاڳ اُٺا، تو ڌرتي ڪي ڀاڳ جڳي.
وو متي سونا هو جائي...، جس ۾ همارا هاٿ لڳي.
ڀائي واهہ واهہ واهہ.........

ٻارو اسين محنت ڪش ٿيون هٿ، پير، دل دماغ هلائي جيون ياپن ڪيون تہ من ۾ خوشي ٿينديءَ ڪجھ حصو ٻين ضرورت مندن ۾ بہ ورهايون تہ دلي خوشي پايون.



कवि सुमित्रान्दन पन्त

ٻارن جو من ڪورو ڪاغذ ٿيندو آهي

سچو ڏينهن اِنهن ٻن وقتن جي پابنديءَ هن کي جڻ قيدي بڻائي
ڏيو.


اِن غلامي کندي جيئن وقت گذرندو ويو. چوکرو ويو ڳرندو. چوندا
ھن چنتا آهي چنتا سمان سو هن کي بہ اندر ۾ گهڻ ويو کائيندو.

ڪجھ مهنن کان پوءِ راجا کي چوکر جي ياد آئي وڏي اچي مندر ۾
هتو. ڏسي تہ چوکر سُکي کنڊا ٿي ويو آهي ۽ چنتا ۽ ڳڻتيءَ جي مُدرا ۾
مسم وينو آهي.

راجا ڏسي حيران ٿي ويو. پڇيائينس، ”ڪر خبر چوکر تون تہ
ام زئيف ٿي ويو آهين چو ڪم گهٽو اٿئي چا“ ؟

راجا هئڙي زوراور کي جيڪو هاٿيءَ کي پڇ کان پڪڙي تہ هاٿي
کي وڃين اُهو اڄ ڪوئي کي بہ نٿو روکي سگهي. راجا هن کي اِن غلاميءَ
ن مُکت کري ڇڏيو جيئن چوکرو وڃين مستيءَ جي زندگي بسر کري.

چوڻ جو تاتپريہ اِهو آهي تہ ڪنهن طرح جي غلامي يا چنتا ۾ ئي
سان ڳري ٿو وڃي چاهي پوءِ اُها هڪ ڏينهن جي هجي اڄ جي رفتاري
دگيءَ ۾ تہ اِنسان کي هزارين چنتائون آهن اُنهن جو حال تہ ڏسجي ئي پيو
کم ڪجي چنتا نہ.



ٻار مُنهِ جو وارُ

حڪم ڪيائين تہ ڇوڪر کي عزت سان راڄ دربار ۾ وٺي اچو. جڏهن ڇوڪري پهچ ڇڏيو تہ سواري هلي ۽ لوازمو ڇڙيو.

ٻئي ڏينهن ڇوڪر کي راجا جي سامهون پيش ڪيو ويو.

راجا ڇيس، ”تون تہ ڏاڍو بلشٽ آهين تون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين“؟

ڇوڪر چيو، ”مان تہ ڪجھ ڪونہ ڪندو آهيان، بس مست رهندو آهيان“.

راجا چيو، ”تون دربار ۾ ڪم ڪندين؟ مان تو توکي روزگار ڏيان“.

ڇوڪر چيو، ”نہ سائين اڄ تائين مون ڦڪڙن جي جيون گذاري آهي مان تہ ڪو ڪم جا ائي ڪونہ“.

راجا سوچيو، ”هن کي ڪو سولو ڪم ڏجي جيئن هن کي اکري ئي نہ تہ ڪو مونکي ڪم ڪرڻو آهي“.

راجا راڄ درٻارين سان صلاح ڪئي. منتريءَ چيو ”سائين اڄ ڪلهہ اسان جي مندر ۾ پوڄاري ڪونهن. پوڄاريءَ جو ڪم ئي ڪهڙو آهي هن کي ڪٽي تا پوڄاري رکون“.

راجا بہ رضامندي ڏيکاري.

منتريءَ ڇوڪري کي چيو، ”توکي اسين تمام سولو ڪم تا ڏيون. اڄ کان توکي مندر جو پوڄاري تا مقرر ڪيون“.

ڇوڪرو، ”پر مان تہ ڪجھ ڄاڻائي ڪونہ“.

منتري، ”توکي پراڻو پوڄاري سڀ سيکاري ڇڏيندو. توکي صرف صبوح جو آرتي ڪرڻي آهي ۽ سنجها جو مندر ۾ جوت ڄٻائڻي آهي“.

ڇوڪري کي تسلاتي. هو تيار ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن کان اڻ وهين ڏيڱن وانگرهن تي ڄڻ ڪم جو ٻوجهہ سوار ٿي ويو. اڄان صبوح مس ٿيندو تہ آرتيءَ جي تياري ڪري وقت تي آرتي ڪرڻي پوندي هئس. اڄان سنجها ٿيندي ئي ڪونہ هئي تہ جوت جي چنتا اچي ستائيندي هئس.

سئنا پتيءَ جي لائقي

اڪبرءَ بيربل جا قصا بہ گهڻا دلچسپ نہ آهن. پر انُهن ۾ سڪياءَ سچائي بہ آهي. اڪبر جي دربار ۾ نوَ رتن هئا جيڪي هڪ ٻئي کان عقلمند ۽ هوشيار هئا. پر انُهن ۾ سيني کان وڌيڪ سياڻو اڪبر جو ساٿو هڻ هو بيربل.

جوڌا ٻائي هميشه اڪبر کي چوندي هئي تہ منهنجي ڀاءُ کي ئي سئناپتي ٺاهيو پر اڪبر انُهين جي ڳالهہ تي ڪن نہ ڏئي بيربل تي ئي وشواس ڪندو هو.

روز روز جي جهڪ جهڪ کان پوءِ هڪ ڏينهن اڪبر جوڌا ٻائيءَ کي ثبوت ڏئي اِهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ بيربل لائق آهي اُن جو وهوارڪ گيان بہ بروقت ڪم ڪري ٿو.

هڪ دفعي ڪجهہ واپاري اُنن جي قافلي تي هندوستان جي سرحد ۾ آيا. اڪبر پنهنجي سالي کي چيو تہ وڃي معلوم ڪري اچ تہ هي ڇو آيا آهن؟ سالو گهوڙو ڊوڙائيندو ٽاپ ٽاپ ڪندو قافلي وٽ پهتو ۽ پوءِ ٽاپ ٽاپ ڪندو جهٽ اچي اڪبر وٽ حاضر ٿيو چيائين، "هو واپارسانگي آيا آهن".

اڪبر پڇيس، "آيا ڪٿان آهن"؟ سالي چيو اِجهو ٿو پڇي اچان ۽ وري ٽاپ ٽاپ ڪندو ويو ۽ پڇي آيو. جهان پناهہ هو افغانستان مان آيا آهن.

اڪبر- "پوءِ يلا ڇا جو واپار ڪندا"؟ وري سالو ٽاپ ٽاپ ڪندو ويو اچي چيائين،- "هو سُڪي ميوي جو واپار ڪرڻ آيا آهن".

مان ڪُڙميءَ جو پٽ، هو پرڌان منتريءَ جو پٽ

گلڊ اسٽون ڪنهن وقت انگلينڊ جو پرڌان منتري هو. پر هن جو جيون سادگيءَ جو جيتو جاڳتو مثال هو. هو پنهنجا ڪپڙا خود ڌوئيندو هو ۽ سائيڪل تي بزاروچي ڀاڄي ڀُٽي به خود ئي وٺي ايندو هو.

هڪ دفعي ريل سفر جي دؤران ڪنهن اخبار جي سمپادڪ ڪنهن اِسٽيشن تي هن سان گڏجڻ جي آگيا ورتي. هن اجازت ڏني.

مقرر اسٽيشن تي سمپادڪ فرسٽ ڪلاس جي ڊبي ۾ پرڌان منتريءَ کي ڳولهڻ لڳو پر هو هن کي نہ مليو.

اوچتو هڪ نؤجوان جيڪو اُن ڊبي ۾ ويٺو هو پڇيائين، ”ڇا توهان پرڌان منتريءَ کي ڳولهي رهيا آهيو؟ هو تہ سيڪنڊ ڪلاس ڊبي ۾ سفر ڪري رهيا آهن“.

سمپادڪ جڏهن سيڪنڊ ڪلاس جي ڊبي وٽ پهتو تہ پرڌان منتريءَ کي هڪ سيٽ تي اخبار پڙهندو ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. پڇيائين، ”توهان پرڌان منتري ٿي سيڪنڊ ڪلاس ۾ سفر ڪري رهيا آهيو اِهو تہ سُنو ٿيو جو هڪ نؤجوان مونکي توهان جو پتو ڏنو جيڪو فرسٽ ڪلاس ۾ ويٺو هو نہ تہ شايد توهان مونکي نہ گڏجي سگهو هان“ ؟

گلئڊ اسٽون چيو، ”ها اُهو منهنجو پٽ هوندو“ .

سمپادڪ کي اچرج ڪندو ڏسي پرڌان منتريءَ جواب ڏنو، ”مان تہ هڪ ڪُڙمي جو پٽ آهيان، پر هو تہ پرڌان منتريءَ جو پٽ آهي، هن کي فرسٽ ڪلاس ۾ يا ترا ڪرڻ سولو ٿو لڳي جڏهنڪ مونکي سيڪنڊ ڪلاس ۾“

اهڙي سادگيءَ پسند اِنسان جو آچرڻ بہ اسان لاءِ سکيا پرد آهي.

تاتپريہ اِهو آهي تہ ڇوٽي آهي، سادو جيون اُچ ويچار کي سارٿڪ ڪرڻ وارا مهاپرش بہ هن ڌرتيءَ تي ٿي ويا آهن جن جي ڪٿنيءَ ۽ ڪرڻيءَ ۾ ڪو ڀيد ئي ڪونهين.

بار ڀڳوان جو روپ ٿيندا آهن

راوڻ جو پڇتاءُ

ترينا يُگ ۾ راوڻ شري رام جي ڌرم پتنيءَ سيتا جو ڇل سان اپهرڻ ڪري پنهنجي ديش لنڪا وٺي ويو. راوڻ هن هڪ بُرائيءَ جي ڪري اڄ به هر يُگ ۾ بدنام آهي. ڏياري، ''راوڻ جي مرڻ جي خوشيءَ ۾ رام جي واپس ايوڌيا نگر ۾ سيتا سان گڏ اچڻ ڪان پوءِ ملهائي ويندي آهي''.

جنهن وقت راوڻ کي تير سان زخمي ڪيو ويو هو هو اڌ مئو ٿي آخري ساهه کڻي رهيو هو، اُن وقت لڇمڻ اُن وٽ اچي چوڻ لڳو، ''پرڻام لنڪيش مونکي ڀاءُ شري رام توهان وٽ موڪليو آهي ته توهان جي جيون جي انيون مان ڪجهه شڪيشا مونکي ڏيو''.

راوڻ عجب مان چوڻ لڳو، توهان جو ڀاءُ ته سروگيه پرميشور ۽ گياني آهي مان توهان کي ڪهڙي سکيا ڏيندس. مان ته اُتڻ جي قابل به نه آهيان''.

تڏهن لڇمڻ چيس، ''مان شري رام کي ٺي هتي ٿو وٺي اَچان''.

شري رام جي اچڻ تي راوڻ نمرتا سان پرڻام ڪندي چيو، ''هي سُوريه ونش جا سرموڙ مان ڀلا توهان کي راڪشس ٿي ڪهڙي سکيا ڏيندس'' ؟

شري رام چيو، ''سچ آهي ته توهان راڪشس آهيو پر شڪتيءَ ۽ ٻڌي جا شاسڪ رهيا آهيو. توهان کي سُٺي ۽ بُري جو گيان آهي. اِهو گيان ٺي مان سکڻ ٿو چاهيان''.

راوڻ چيو، ''سُٺن ڪرمن کي ڪڏهن ٽارڻ نه کپي ڇو جو وري اُنهن کي ڪرڻ جو موقعو ٺي ڪونه ملندو. زندگيءَ ۾ مون ٽي سُٺيون يوجنائون ناهيون هيون-

پهريون- نرڳ جو رستو بند ڪري ڇڏيندس جيئن ڪنهن کي نرڳ جو دک نه ڀوڳڻو پوي.

ٻيون- لڪنا جي چئني پاري واري کاري سمنڊ جو پاڻي منو ڪري ڇڏيندس.

اڪبر- ”ڀلا گھڻا مهينا رهندا“ ؟ وري ٽاپ ٽاپ ڪندو سالو ويو هليو.

جوڌا ٻائي سڄو نظارو ڏسي رهي هئي. اڪبر بيربل کي گهرائي آڻيا ڏني ته وچي قافلي جي باري ۾ پڇي اچ. بيربل هڪدم ويو ۽ وچي سڄو حال چال وٺي آيو. ايندي ئي هن چيو، آليا هو واپار ڪرڻ آيا آهن، افغانستان مان سُڪي فروٽ جو واپار ڪرڻ لاءِ ٽن مهينن لاءِ آيا آهن پوءِ ويندا هليا. سڀ چاڻ هڪ ئي سٽ ۾ ڏئي ڇڏيائين.

جوڌا ٻائي جيڪا هي سڀ اکين سان ڏسي رهي هئي ۽ ٻڌي رهي هئي هڪ دم سمجھي وئي ته ڇو هن جو ڀاءُ سئناپتيءَ جي لائق نه آهي ۽ بيربل ڇو لائق آهي؟ اُن ڏينهن کان پوءِ جوڌا ٻائيءَ وري اڪبر سان ڀاءُ جي سفارش ڪونه ڪئي.

سچ آهي عقل ۽ لياقت ايشور جون ڏنل نعمتون آهن. جنهن جو اثر اِنسان جي روزمرح جي زندگيءَ ۾ ڏسڻ ۾ تو اچي.



ٻال هٺ، راڄ هٺ ۽ تريا هٺ ٽئي هٺ مشهور آهن

ڇون ٿا تہ راوڻ مھا تپسوي ۽ دئوي شڪتين جو سوامي ھو پر انُھن شڪتين کي ھن ڀلي ڪم ۾ نہ لڳائي ٻرن ڪمن ۾ لڳايو ۽ ھن جو انت شري رام جي ھٿان ٿيو.

ڀارو ٻري ڪم جو ٻرو نتيجو ٿيندو آھي. اِن ڪري ڪڏھن بہ نہ ٻرو ڏسجي نہ ٻڌجي، نہ ڪجي. سُنو ڪم ترت ڪجي. اڄ جو ڪم سُڀاڻي تي نہ رکجي ۽ جيڪر غلط ڪم ڪيو آھي تہ اُن جو پڇتاءُ ڪرڻ ٻڌيمان جو فرض آھي.

ٻري ڪم جي يوجنا نہ ٺاھي. سدا سُٺي ڪم جي يوجنا ٺاھجي ۽ اُن کي ترت عمل ۾ لائجي جو جيون ۾ خبر نہ آھي سُڀاڻي ڇا ٿئي؟

اِنصاف جي ناراضي

ھڪ ٻڍڙي پتا پنھنجي ملڪيت جو وارث ٿاپڻ لاءِ پنھنجي ٽن پٽن کي ڪوني ھر ھڪ پٽ جي لائقي پرکڻ لاءِ پٽن کي چيو تہ پٽ توھان کي ھڪ ھڪ ڪمرو (ڪوني) ٿو ڏيان جنھن ۾ ھڪ اھڙي شيءِ ڀريو جيڪا توھان کي سٺي لڳي ۽ اُن سان سڄو ڪمرو ڀرجي وڃي ۽ توھان لاءِ ڪمائي رھي. پر اُن لاءِ توھان کي ھڪ ئي روپيو صرف ڏيان ٿو. يعني اُھا شيءِ اُنھن ئي پئسن سان خريد ڪرڻي آھي. سيني پٽن پنھنجي سمجھہ موجب اِئين ڪيو. ٽنھين پٽن کي واري وٽيءِ سان گھرائي پيءُ ھنن کان پڇيو تہ ڪمري ۾ ڇا ڀريو اٿو. تنھنتي ھڪ پٽ چيو تہ مون ھڪ روپئي جو گاھہ خريد ڪري سڄو ڪمرو ڀريو آھي. ٻئي ٻٽ چيو تہ مون روپئي جون اگربتيون وٺي اُن ۾ ٻاريون آھن، خوشبوءِ سان سڄو ڪمرو ڀرجي ٿو ويو آھي. ٽئين پٽ چيو تہ مون ھڪ روپئي جو ڏيئو ۽ تيل وغيرہ وٺي اُن کي ڪمري ۾ ٻاري رکيو آھي. جيئن سڄي ڪمري ۾ روشني ڀري ڇڏي آھي.

ٽيون- ڌرتيءَ کان سرڳ تائين ڏاڪڻ لڳائي ڇڏيندس جنهن سان پاپيءَ پٽيہ آتما سڀ ماڻهو سرڳ پهچي سگهن. اِهي سڀ ڪم منهنجي لاءِ مشڪل بہ نہ هئا. مان پنهنجي شڪتيءَ سان اِهي ڪم ڪرڻ ۾ سگهم هوس. پر اِهي ڪم مان ٽاريندو رهيس ۽ پوءِ وري ڪڏهن نہ ڪري سگهيس. ڪاش مان سيتا جو هرڻ ڪرڻ جي ٻُري يوجنا ٽاري سگهان هان. پر منهنجي بدقسمتي هئي جو ٻُري ڪم ڪي ٽارڻ ۾ دير نہ ڪئي ۽ اِن جو انت منهنجي جيون جي انت سان ٿي تيو. اِئين چئي راوڻ پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ هو سدا لاءِ ننڊ جي گود ۾ سمهين پيو''.



يار آئيندهہ جا ابا

ماءُ ئي ٻار جو پهريون گرو آهي

وِنووا ڀاوي سماج جي شيوا ۾ پنهنجو جيون ارپڻ ڪري ڇڏيو هو. هن ڪرڙمين جي ڏُک درد کي سمجهي جن وٽ ٻوڪ لاءِ زمين ڪونہ هئي. ٻو دان يگيہ هلائي اُنهن کي زميندارن کان زمين انهن بيروزگار ڪُڙمين کي ڏياري تمام پُڃيہ جو ڪم ڪيو هو. شيوا کان سواءِ هو هڪ ودوان بہ هئا.

هڪ ڏينهن هڪ ماءُ پنهنجي ڇئن سالن جي پٽ کي وٺي آئي. پيري پوارائي آسيس وٺڻ کان پوءِ هن چيو، سائين منهنجي ٻچڙي کي سُٺن سنسڪارن جي آسيس ڪيو جيئن وڏو ٿي هو بہ توهان وانگر نالو روشن ڪري.

ونووا مُسڪرائي چيو، ''ٻچڙي ۾ سنسڪار تہ پئجي چُڪا. ٻارن ۾ جنم کان ئي سنسڪار پئجي ويندا آهن. جيئن ٻج ڇٽجي تہ سلو ڦاٽهين نڪري ۽ ٻوٽو وڌندو رهي. اهڙيءَ طرح ماءُ جي ڇترڇايا ۾ ئي ٻارجا سنسڪار پئجي ويندا آهن. جيڪي اڄ ڏني هن جي روزمرح جي زندگيءَ ۾ نظر پيا ايندا آهن. ماءُ ئي ٻار جو پهريون گرو آهي''.

ونووا جي ڳالهہ ٻڌي ماءُ ٻار کي وٺي وئي ۽ خيال رکندي رهي تہ ٻار ۾ سُٺن ڪان سُٺا سنسڪار وجهان.



ٻار جي پهريون گور ماءُ ئي آهي - ونوبا ڀاوي

ٻڍڙي ڏيئي ٻارڻ واري پٽ جي عقلمندي ڏسي هن کي پنهنجي ملڪيت جو وارث بڻائي ٻين پٽن کي ٻہ ڀاڱو سان ڀاڱي ڀائي تي ٻڌيمانيءَ سان ڪنهن بہ ڪم کي انجام ڏيڻ ۽ ڪرڻ جي صلاح ڏني.

هرڪم سوچي سمجھي ٻڌيمانيءَ سان ڪرڻ سان جيون سڦل ۽ سکيو ٿيندو.

ٻڍڙي اِنصاف جي تاراضيءَ سان نياءُ ڏئي ٽنهي پٽن جي دل جيتي ورتي.



ٻارجي لاءِ ماءُ پيءُ جي آسيس
سڀني آسيسن کان انمول ٿيندي آهي

محنت جي ڪمائيءَ جو قدر

هڪ شاهوڪار کي هڪ ئي پٽ هو. پر لاڏ پيار جي ڪري ڪجھ ڪم
ڪار ڪونہ ڪندو هو. پيءُ گھڻيئي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سڀ
بيڪار. ڪمائڻ لاءِ گھڻيئي حيلا هلايائين پر پٽ تي ڪو اثر ڪونہ پيو.
ڪم ڪيائين تہ اڄ هن کي روٽي نہ ڏجي. ڪمائي اچي تڏهن ئي کاڌو
ملندس. پر ماءُ جو دل ميڻ. پنج روپيا ڏنائينس جيڪي پيءُ کي ڏيکاري
چيائين، ڪمائي آيو آهيان.

پيءُ چيس، ”پيسا وڃي ناليءَ ۾ اڇلي اچ“.

پٽ پيءُ جي چئي مطابق پيسا ناليءَ ۾ اُڇلي ڇڏيا.

اِهو سلسلو روز هلندو رهيو. هڪ ڏينهن ماءُ شام جو ستسنگ ۾ وئي
ئي. پر رات دير تائين گھر ڪونہ موٽڻ جي ڪري پٽ کي پيسا ڪونہ ڏئي
سگهي. پٽ بس اِسٽئنڊ تي وڃي مزوري ڪري هڪ رُپيو ڪمائي آيو ۽
پيءُ کي اچي ڏنائين. پيءُ روز وانگر اُن ڏينهن بہ رُپيو ناليءَ ۾ ڦٽي ڪري
ڇڏڻ لاءِ چيس پر پٽ ڪونہ ويو ۽ پيءُ کي چيائين، ”بابا توهان کي خبر
آهي تہ رُپيو ڪمائڻ لاءِ ڪيڏو نہ پگھر وهائڻو تو پوي“ ؟

پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، ڇڪي پٽ کي ڇاتيءَ سان لڳائي
چيائين، مونکي خبر آهي! پر ڪمائيءَ جي پيسي جو ملھہ جي توکي خبر
ڪونہ هئي انهيءَ ڪري تون پيسا ناليءَ ۾ ڦٽي ڪري ايندو هئين.

هاڻي توهان ئي ٻڌايو تہ پيءُ جو اُديش ڪيترو پورو ٿيو؟

سائين بيوس چون ٿا.

جي تون آهين شاهوڪار زور زبر وارو زردار
تہ بہ محنت کان ڊار نہ ڪار محنت ڊاران ، مرد نڪار
محنت سان ٿي وڏي ڄمار محنت ڪر محنت هروار.


جو ڪير پيئي سو وير ٿئي

نظر پنهنجي پنهنجي

هڪ مهاتما جا چار چيلا هئا. پهريون سُست، ٻيون چور، ٽيون ٻڪبڪيو ۽ چوٿون ودوان. هڪ صبوح مهاتما چئني کي چيو تہ آشرم کان ڪجھ پري هڪ باغ آهي توهان چارئي اُتي وڃون ۽ شام جو اچي ٻڌائجو تہ توهان باغ ۾ ڇا ڏٺو؟

سُست شش تہ باغ ۾ وڻن جي ڇانوَ ڏسي وڻ جي هيٺان سُمهين پيو. چورکي موقعو مليو جو اُتي انبن جا وڻ هئا. انب پٽي هن خوب کاڌا ۽ شام تائين کائيندو رهيو. ٻڪبڪئي تہ وڻ ڳڻڻ ۽ انهن سان ئي ڳالهائڻ ۾ شام ڪري ڇڏي. باقي ودوان باغ جي هروڻ ۽ انبن کي ڏيان سان ڏسڻ ۾ ئي مگن رهيو.

شام جو آشرم واپس اچڻ تي سُست شش جون اکيون ڀاري ڏسي تہ گرو سمجهي ويو تہ هو تہ ننڊ ڪري آيو آهي، چور جي بدن تي ماکيءَ جي ڏندن جا نشان ٻڌائي رهيا هئا تہ هن چوري ڪئي آهي. ٻڪبڪئي کي تہ وڻن جي ڳڻتي ئي ياد ڪونہ رهي. باقي ودوان تہ شانت مُدرا ۾ اچي ويٺو. سو گروءَ پڇيس، ''تو ڇا ڏٺو'' ؟ ودوان چيو، ''گرو جي وڻن جون جيڪي ٽاريون نميون ٿي انهن تي ڦل جهجهت لڳا پيا هئا باقي جيڪي ڏاڍون سيڌيل هيون اُهي ميوي کان خالي هيون''. گروءَ چيو، باغ ۾ وڃي تو سچو گيان پاتو آهي. جيڪو نمرءِ شالين آهي اُن کي ئي محنت جو ڦل ملندو آهي.



ماءُ ٻار کي سنسڪار ٿي ڏئي گرو ٻار کي گيان ٿو ڏئي

سچ تہ بيٺو نچ

هڪ دفعي انڌڪار ڀڳوان وٽ وڃي شڪايت ڪئي تہ توهان جو سچ منهنجي پٺيان پيو آهي مون پلاهن جو ڇا بگاڙيو آهي جو هو مونکي سامهون اچڻ ئي نٿو ڏئي. مونکي ڀڄائي ٿو ڇڏي.

ڀڳوان چيو، اِهو تہ وڏو انياءُ ٿيو، مان سچ کان پڇندس. ڀڳوان سچ کي گهرايو، ڇو پائي توهان انڌڪارجي پٺيان ڇو پيا آهيو؟ هن توهان جو ڇا بگاڙيو آهي''؟

سچ عجب وچان چوڻ لڳو، ''انڌڪار! اِهو نالو تہ مون اڄ تائين ٻڌو ئي ڪونهي. نڪو منهنجي هن سان ڪا ملاقات ٿي آهي! پوءِ پلا مان هن کي پريشان ڇو ڪندس؟ توهان انڌڪار کي منهنجي سامهون گهرايو تہ مان هن کي سڃاڻي وٺان ۽ پوءِ هن کان معافي بہ گهري وٺان''.

پر انڌڪار کي اڄ تائين سچ جي سامهون آڻي نہ سگهيو ويو آهي ڇو جو هن جو ڪو وجود ئي ڪونهي.

اِنساني من جي بہ اِهائي فطرت آهي. من ڀوَ کان سدائي پئہ ڪائيندو رهندو آهي. جڏهن تہ ڀوَ جو ڪو وجود ئي ڪونهي. جنهن من ۾ پريم پريت جو واس ڪونهين. اُهو سدا پئہ ڪائيندو رهندو آهي.

اهنڪار روپي انڌڪار جي لاءِ اسان کي جاڳرتيءَ جو ديپڪ جلائڻو پوندو. اسان کي ڪوڙ بي ايماني ۽ دُراچار کي ڇڏي سچ جو ساٿ نڀائڻو پوندو. تاڻپرج هيءُ آهي تہ جيئن انڌڪار جو وجود نہ آهي تيئن ڪوڙ بہ اونداهيءَ جي پيت وانگر پٽ وڃي پوندو. تڏهن تہ سڀ کو روشنيءَ کي چاهيندو آهي ۽ چوڻ آهي سچ تہ بيٺو نچ. سدا سچ جي سهاري جيون گذاريون تہ اسان جو وجود رهندو.

ٻار ماءُ پيءُ جو عڪس ٿيندا آهن

ٻئي جي عزت جو قدر

هڪ دفعي فرانس جي بادشاهہ جي سواري اچي رهي هئي. رستي ۾ هڪ فقير گڏين. فقير پنهنجو ٽوپ لاهي بادشاهہ کي جهڪي پرڻام ڪيو. بادشاهہ بہ اُهڙي طرح ئي ٽوپ لاهي فقير کي ڪنڌ جهڪائي پرڻام جو جواب ڏنو.

بادشاهہ کي اهڙيءَ طرح پرڻام ڪندو ڏسي هن جي انگرڪشڪ چيو، ”حضور هڪ فقير کي هئڙيءَ طرح ٽوپ لاهي نمسڪار ڪرڻ بادشاهہ کي تہ شوڀيا نٿو ڏئي“.

بادشاهہ هڪدم چيو، ”ڇا فرانس جو بادشاهہ اِهو ثابت ڪري تہ هن ۾ فقير جيتري بہ تميز ڪونهين“ ؟

سچ آهي اِنسان کي ٻئي جي عزت جو قدر بہ اوترو ئي ڪرڻ کپي جيترو هن کي ملي ٿو.



ڏي ڪير امان پي پڙهڻ وڃان

سنائيءَ جو پرڪاش

هڪ ساڌو تيرٿ ياترا ڪرڻ نڪتو هو. هن پاڻ سان پنهنجي ضرورت جو سامان ڪنيو هو. ڪپڙا، باسڻ ٻيو به ضروري سامان ڪٽي هن ڳنڙيءَ ۾ ٻڌو ۽ پنڌ نڪري پيو. ڀارت ۾ تيرٿ آستان گهڻو ڪري متي ٽڪرين تي يا اوچي جبلن تي آهن. جيئن ويشنوءَ ديوي، بدريناٿ، ڪيلاشناٿ يا ڪي ٻه تيرٿ آستان گهمڻ ڀارتن ڪرڻ وڃون ته گهڻو سامان ڪٽي نٿو وڃي سگهجي. ساڌو ٿورو ئي هلندو هو ته سهڪڻ لڳندو هو ۽ پنهنجي ياترا ڪي هن ڪي ورام ڏيڻو پوندو هو. هڪ دفعي هن ڪنهن تيرٿ تي هلڻ جو سوچيو پر ٻا. هيئڻ ڪري ٽڪريءَ ڪان هيٺ ئي ويهي ٿڪ ڀڃڻ لڳو. جيڪي ياتري ويا پئي. اُهي هن جي هيڏي وڏي ڳنڙي ڏسي کلندا پئي ويا. جڏهن هو واپس آيا ته به ساڌو اڃان اُتي ئي ويٺو هو ۽ ٻين ياترين جو تيرٿ درشن تي به ويو هو. واپس اچڻ وارن ان ڪي چوڻ لڳا، ”ساڌو تي ڳنڙيءَ جو موهه نٿو ڇڏي سگهي ته پوءِ تيرٿن تي اچڻ جو ويچار ئي ڇو ڪيائين“. ٻئي چيو، ”بابا هن ڳنڙيءَ ۾ اهڙو ڪهڙو ڌن جو هن سان نينهن لڳيو ويٺا آهيو؟“ ٽئين چيو، ”ساڌو ته تياڳي ٿيندا آهن. ڳنڙيءَ جو تياڳ ڪندا تڏهن ئي ايشور جو درشن ڪري سگهندا“.

ساڌو ويچار ڪيو ته هنن سنسارين ته منهنجون اکيون ئي کولي ڇڏيون، رات جو سُمهان ته سامان جي موهه ۾ ننڊ نه اچي، چور ڌاڪوءَ جو ڊپ هميشه لڳندو رهي، ايشور کي پائڻ

ماتا جي شيوا ڪرڻ فرض جو پهريون ڏاڪو

هڪ اُتساهي نؤجوان رامڪرشن پرمهنس جي شيوا ۾ پهتو. سوامي ء
جي چرڻن تي جُهڪي هن وينتي ڪئي ته، مهاتمن! مونکي پنهنجو شش
ناهيو ۽ گرو منتر جي شڪشا ڏيو.

نؤجوان جي ڳالهه ٻڌي سوامي جن مسڪرائڻ لڳا ۽ پڇيائونس،
”تنهنجي پريوار ۾ توڪان سواءِ ڪير ڪير آهي؟ ڇا تون اڪيلو آهين؟“


”نه سائين مان اڪيلو نه آهيان مون ڪان سواءِ منهنجي ماءُ جيڪا
ٻڍڙي آهي گهر ۾ آهي“.

پرمهنس- پر ٻه گرو ديڪشا وٺي ساڌو ڇو ٿيڻ چاهين؟

نؤجوان چيو، ”مان هن موهه مايا ۾ ڦاٿل سنسار مان مُڪتي ٿو پائڻ
چاهيان“.

پنهنجي ٻڍڙي ماءُ کي ڇڏي بيسهارا ڪري توکي ڪنهن به حالت
۾ مُڪتي نه ملي سگهندي. تنهنجي سچي مُڪتي ته اِن ۾ ئي آهي ته تون
پوري شرڌا، ڀڳتي، ۽ نشٺا سان پنهنجي ٻڍي ماءُ جي شيوا ڪرين. جيون
جو سچو مرم اِهو ئي آهي.

وديارٿي جيون ڪان پوءِ به گرو شش کي اِهائي شڪشا ڏيندو آهي ته
ماتر ديوو ڀوَ مطلب ته ماتا ديوتا جو روپ آهي. هن ڏانهن پنهنجو فرض
سنڀالڻ هر اؤلاد جو فرض آهي.



بار پينگهي ۾ پڙهو

هن راهگيرن جا من ئي من شڪرانا مڃيا. جن هن جي ڳ بيان ڪي عملي جامو پارائي هن ڪي سچي معنيٰ ۾ ساڌو ٿيڻ ۾ مدد ڪئي هئي.

ساڌو اُهو ئي آهي جيڪو رمندو رهي هڪ هنڌ رهڻ سان هن ۾ لالچ ۽ اُن اِستان لاءِ موهه ۽ پريم وڌڻ ڪري هو ساڌو نٿو رهي. اِن ڪري ساڌن ڪي سدا رمتو جوڳي رهڻ ڪپي چيو بہ ويو آهي.

بهتا پاني نرملا- ڪڙا گندرا هويہ!
تيون ساڌو رمتا ڀلا- داغ نہ لڳي ڪويہ!

ٻڌ، نانڪ سنت ٽيئورام، ليلا شاهہ، دادا جشن واسواڻي ۽ ٻيا بہ سڀ سنت سدائين رٽن ڪندي ماڻهن کي اُپديش ڏئي هنن ۾ سٺي سدٻڌيءَ جو سنچار ڪري لوڪ جو ڪلياڻ ڪندا رهيا آهن ۽ ڪندا رهن ٿا. انهن جي سنائيءَ جو پرڪاش سنسار ۾ ڦهلجندو ٿو رهي.

پٽ روشن ڪري هڪ ڪُل، ڏيءُ تاري ٻہ ڪُل

لاءِ تياڳ نہ ضرور ڪرڻو پوندو. ساڌوءَ هم ڪئي نہ تہ هتي خالي اُتي ٽڪريءَ ڏانهن چڙهڻ لاءِ قدم وڌائيندو اچي چوٽيءَ تي ڀڳوان جا درشن ڪيائين. هاڻي هن کي ٽڪو ڪا چنتا هئي نہ ڳڻتي. هو بلڪل پاڻ کي هلڪو پيو سمجهي. ايشور جي ڌيان ۾ بہ هن جو من پوري سمرپڻ سان پيو لڳي.



يا ناڪرڪي پوڳ لڳائڻ وقت گهنٽيءَ جو وڄڻ ضروري آهي. اُها ريت ڀلا هوءَ ڪيئن ڀلجندي؟ ان مان اِهو به سبق ملي ٿو ته وقت جي نزاڪت ۽ فرض جو ڌيان ڪري ڪم ڪرڻ ڪان گيسائجي. نه ڀلي ڪهڙي به مجبوري يا دٻاءُ هجي ته به موقعي تي فرض جي ڊيوٽي ڪرڻ کپي، جيئن گهنٽيءَ جو رُنبو به رهجي آيو ۽ ڪرشن جي وڏائي به ٿي ويئي.



ٻار لاءِ ماءُ جو ۽ ماءُ لاءِ ٻار جو پيار انمول ٿيندو آهي

ڳهنٽيءَ جو ٽٻو

اڄ جنماشٽميءَ جي موقعي تي ڪرشن ڀڳوان (ٻال سروپ ڪرشن) جي گوالن سان گڏجي، گوپين جي گهر مکڻ جي لاءِ چوري ڪرڻ جي ۽ کائڻ جي ڳهٽنا دل تي تري آئي آهي، جا هن ريت آهي.

هڪ موقعي تي جڏهن شري ڪرشن گوالن سان گڏجي لڪي ڇپي گوپين جي گهر مکڻ کائڻ لاءِ ويچي ٿو ته ڏسي ٿو ته گوپين مکڻ جي ڇڪي وٽ گهنٽي ٽنگي ڇڏي آهي، ته جيئن ڪرشن مکڻ چوري ڪري ته گهنٽي وڄي ويچي ۽ هو ڪرشن کي رنگي هٿ پڪڙي سگهن. سو اِهو ڏسي ڪرشن پنهنجي رمض سان گهنٽيءَ کي چويٿو ته گهنٽي توکي ٽنهين لوڪن جو سوامي حڪم ٿو ڪري ته تون مکڻ چوري ڪرڻ مهل نه وڄج. قدرت اهڙي مايا پکيڙي جو جڏهن شري ڪرشن گوالن جي ڪلهي تي چڙهي ٿو ته گهنٽي نه ٿي وڄي ۽ جڏهن گوال کي مکڻ کائڻ لاءِ ڏئي ٿو، تڏهن به گهنٽي ڪونه ٿي وڄي. پر آخر جيئن ئي شري ڪرشن مکڻ چورائي پنهنجي مک ۾ وجهي ٿو ته گهنٽي وڄي ٿي وڄي. تنهنتي شري ڪرشن گهنٽيءَ کان پڇي ٿو ته گهنٽي منهنجي منع ڪرڻ ڪانپوءِ به تون ڇو وڄيئنءَ؟ گهنٽيءَ جواب ۾ چيو ته اِهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته ٽنهين لوڪن جو سوامي ڀوڳ لڳائي ۽ مان چپ رهان. اِهو منهنجي مريادا جي اُبتڙ آهي.

چوڻ جو تاتپريه اِهو آهي ته جڏهن گهنٽيءَ بنا آرتي اڌوري آهي، شلوڪ اُچارڻ مهل يا پوڄا ڪرڻ مهل به گهنٽيءَ جو گهڻو مهتو آهي ته ديوتا

انبڙين جو آچار وجهي هن کي سال لاءِ تيل ۽ مسالا وجهي هلائي تو
سگهجي. آچار روٽيءَ سان کائڻ سان مست لڳندو آهي. پڪي
انبن جو مربو ناهي اُن کي ڪافي وقت تائين ڪم آڻي سگهجي
تو. انبن جي جوس کي شيشن ۾ پري برف ۾ رکجي تہ ڪافي
ڏينهن روزپي سگهجي تو. انب رس مان انبن جا پاپڙ ناهي ڪافي
وقت تائين سُرڪشت رکي تا سگهجن. سڀ وڻ چانو ۽ ٿڌي هوا
ڏيندا آهن.

اسان جي ڀارت ۾ هندو انب جي وڻ کي شڀ سمجهي
شڀ ڪارين تي گهرن ۾ جهالر ڪري لڳائيندا آهن جيئن نئين گ
هر جو اُدگهاٽن ڪجي تہ درن تي انبن جا پن سوتليءَ ۾ پهي ٻڌبا
آهن. انب بازار ۾ وڪڻي ڪافي پئسا ڪمائي تا سگهجن.

راجڪمار: عجب وچان، ”چا بابا هڪ وڻ مان ايڏا فائدا؟“
بابا، ”ها بچا“. راجا ۽ راجڪمار اڳيان وڌيا تہ راجڪمار کي ٿڌي
هوا لڳي هن مٿي نهاريو تہ شاهي وڻ هو جنهن ۾ ساوا پن گهاٽا
لديل هئا. راجڪمار- ”بابا، بابا، هيءُ وڻ چا جو آهي؟“ راجا،
”پت هيءُ وڻ نم جو آهي. هن وڻ جي هوا تندرستيءَ لاءِ تمام
فائديمند ٿيندي آهي. هن جا پن ۽ ڏانديون بہ تمام ڪارائتا
آهن.

راجڪمار ”عجب مان، هان بابا؟ اِهو ڪيئن؟

راجا، نُم جي وڻ جي ڏاندين مان ڏندڻ ڪڍي ڏند صاف
ڪيا ويندا آهن نم جي پنن کي پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي سنان ڪرڻ سان
چمڙيءَ جون بيماريون ۽ جيواڻو ناس ٿي ويندا آهن. نم ۾ ڦل جي

وڻن ٽڻن مان فائدا ۽ پرپاورڻ

ستيہ پرڪاش نالي راجا تمام ڌرمي ۽ نيائي هو. هن جي راڄ ۾ پرجا سُکي ۽ سد ويچاري هئي. اُن راجا کي شاهي محل هئو جنهن ۾ هن باغ باغيچا لڳائي ساوڪ ڪري رکي هئي. سالن جا شاهي وڻ هن جي باغ جي خوبصورتي وڌائي هن جي محل ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيندا هئا.

ڪجھ سالن کان پوءِ هن کي سندر پٽ ڄائو. تورو وڏڙو ٿي راجڪمار باغ جي بخملي سائي ڇٻر تي ڊوڙون پائي راند ڪندو هو ۽ باغ جي ساوڪ ڏسي تڙي پوندو هو.

ننڍڙن ٻارن ۾ هر ڳالهہ ڄاڻڻ جي جگياسا رهندي آهي ۽ هو ماءُ پيءُ ۽ وڏڙن کان اُن جگياسا کي شانت ڪرڻ لاءِ سوال پڇندا آهن.

راجا جڏهن هن جي آڱر پڪڙي باغ ۾ گهمائيندو هو تہ هن جي من ۾ سوال اُڀريو تہ آخر باغ مان يا وڻن مان اسان کي ڪهڙو فائدو آهي؟ جڏهن راجڪمار انب جي وڻ وٽ ويو تہ راجا کان پڇيائين، بابا، هن وڻ مان اسان کي ڪهڙو فائدو؟ تڏهن راجا ٻڌايس، گرمي جي موسم ۾ وڻ جون شاخون مٿن انبن جي ڦلن سان لدجي وينديون آهن ۽ انبن جي بوجهہ سان ڏاريون جهڪي وينديون آهن. اُهي مٺا ڦل پچڻ کان پوءِ مالهي پٽي اسان کي ۽ مهمانن کي کارائيندو آهي. انبن جو رس ڪڍي اُن ۾ کنڊ ملائي روٽيءَ سان کائڻ ۾ سواد ايندو آهي. کيرءِ انب سان ملڪ شيڪ ٺاهي اُن ۾ برف وجهي پيئڻ سان گرميءَ ۾ دل دماغ تي تراوت اَچي ويندي آهي. ڪچي انب کي انبڙي چئبو آهي.

راجا، ”پٽ، گل تہ باغ جي شان ۽ آن آهن. گلن سان ئي باغ گلزار رهندا آهن. طرح طرح جا گل ڏسي اسان جي اکين کي سکون اچي ويندو آهي. گلن سان هوا ۾ خشبو ڦهلجي واتاورڻ کي خوشبودار ۽ شڌ بڻائي ڇڏيندي آهي. خاص ڪري هيءُ گلاب جو گل جيڪو گلن جو راجا آهي. هيءُ گهڻئي رنگن ۾ گلابي، ڳاڙهو، پيلو، اڇو ۽ مهرون سيني رنگن ۾ ٿيندو آهي. گلابي رنگ جو گل سيني رنگن کان ڪمائتو ٿيندو آهي. جيڪو مندرن ۽ تڪاڻن ۾ پوڄا ۾ چاڙهڻ جي ڪم ايندو آهي. گلن جون مالهائون ناهي مورتين ۽ مندرن کي سجايو ويندو آهي. گلاب جو هڪ گل بہ ڪنهن کي ڏيڻ سان ڏيڻ واري ۽ وٺڻ واري کي خوشي ملندي آهي. هيءُ شانتيءَ ۽ دوستيءَ جو پرتيڪ آهي. گلاب جي گلن مان گلڪند ناهيو ويندو آهي جيڪو سوادي ۽ پيٽ لاءِ تمام فائديمند ٿيندو آهي. تون بہ تہ گلڪند کائيندو آهين نہ؟ وٺندو اٿئي نہ؟“

راجکمار-جيپ سان چتڪارو ڏئي اکيون نچائيندي، ”ها، بابا ها“. گلن جو گلدستو ناهي گهرن ۽ آفيسن ۾ رکڻ سان اکيون تريت ٿي ويندون آهن. گلن جو بُڪي ناهي تيوهارن، جنم ڏينهن يا شادين، پارٽين ۾ ماڻهن کي سواگت ڪرڻ لاءِ ڏيڻ سان عزت افضائي ٿيندي آهي ۽ توهفي ۾ ڏيڻ ۾ بہ خوشي ٿيندي آهي.

هيءُ بيا گُل موتيو ۽ موگرو بہ خوشبو ڦهلائيندا آهن ۽ مالهائون ناهي سجاوٽ جي ڪم ايندا آهن. زالون موگري جي گ جري کي پنهنجي وارن ۾ سينگار جي روپ ۾ لڳائينديون آهن. مهاراشٽر ۾ تہ خاص رواج آهي تہ زالون پنهنجي خوبصورتيءَ جو اظهار گجري سان ئي ڪنديون آهن.

جاءِ تي نموريون لڳنديون آهن جن مان دوائون ناهي بيمارن کي شفا بخشي ويندي آهي. خاص ڪري خوني بواسيريا موقا هن مان نيڪ تي ويندا آهن. نم جي وڻ جي ڪل کي گهي ڦٽ ڦرڙيءَ تي هڻڻ سان ڦٽ صاف تي ويندا آهن. نم جو وڻ هوا کي شڌ ڪري پرياوڻ کي شڌ ڪندو آهي. نم ڪيٽ ناشڪ آهي. ڪٽڻ يا چانورن ۾ جيت نہ پون اِن ڪري نم وجهي رکڻ سان هو سُرڪشت رهندا آهن. نم جي لڪڙي ٻارڻ جي ڪم ايندي آهي.

راجڪمار ”واهہ بابا! مان اِهي سڀ ڳالهيون ياد رکندس“. اڳيان وڏي راجا ۽ راجڪمار چبوتري آيا تہ راجڪمار پڇيو، ”بابا هيءُ گاهہ پلا ڪهڙي ڪم جو؟“ ٻئي اُن چبوتري پير ڊگها ڪري ويهي رهيا. راجا چيو، ”ڏئڻ گاهہ تي وهندي ئي ڪيئن تڪ لهي ويو. سائو گاهہ اکين ۽ بدن کي آنند ڏيندو آهي. صبوح شام پيري اگهاڙي گاهہ تي هلڻ سان اکين جي نظر تيز ٿيندي آهي ۽ دماغ ۾ تراوت ايندي آهي.“

ٻيو ڇا بابا؟ ٻيو تہ ”ڳاين، مينهن، ٻيڙ ٻڪرين جو هيءُ کاڌو آهي گاهہ کائي جانورن جي کير ۾ واڌ اچي ويندي آهي. اسان بہ تہ روز کير پيئندا آهيون نہ؟“

ها بابا، ”مونکي تہ کير ڏاڍو وڻندو آهي.“ راجا، ڳاين ۽ مينهن جي کير مان ڏهي، ڏڌ، مکڻ ۽ گيهہ نهندو آهي جيڪو اسان جي سرير لاءِ ضروري آهي. گاهہ باغ جي سونهن آهي. هيءُ گهر جي سندرتا ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيندو آهي. راجڪمار- واهہ بابا واهہ! مونکي تہ خبر ئي ڪونہ هئي تہ گاهہ مان بہ ايترا فائدا ٿيندا آهن.“ راجڪمار ٻوڙي گلن جي ڪيارين وٽ وڃي گلن کي ڏسي پڇڻ لڳو، ”پلا بابا هيءُ گل اسان جي ڪهڙي ڪم جا؟“

اَگھائي تہ ڪٽو نہ تہ ماٽڪ بہ موتائي ڇڏي

هڪ راجا وڏي شاهي ديول ٺهرائي ٿو جو اٽالين ماربل سان ٺهڻي هئي. اُن تي ناهڻ لاءِ لکان روپيا خرچ ڪري ٿو. اُتي جي رعيت چيو تہ اسين بہ جيڪر اِن ۾ ڪجهہ وجهون. سو راجا اُتي هڪ پيتي رکي ڇڏي، چويتو تہ پلي جنهنکي بہ جيڪي وجهڻو هجي سو وجهي پلي. اُن پيتيءَ ۾ راجا جي خرچ ڪرڻ کان بلڪل ٿورو نکرندو هو. هن ديول تي لکان رپيا خرچ ٿيا. اُن شهر جي آس پاس رستي تي هڪ ٻڍي پنهنجي پگل جهوپڙي ۾ رهندي هئي. اُتان ڏٻي گاڏيون سنگمرمر جو پٿر کٹنديون لنگهنديون هيون. اُن ديول تي خالي ٿي وري ٻيو ماربل جو پٿر کٹڻ ويندي هيون. ٻڍي پڇندي هئي تہ هيءُ گاڏيون ڪيڏانهن پيون وڃن؟ خبرپيس تہ جيڪي گاڏيون اٿليءَ مان پيون اچن، سي هيءُ ڏٻا ڪٽي وڃي ديول تي پهچائيندا، جتي پربوءَ جو آستان ديول يعنيٰ مندر پيو ٺهي. چويتي پربوءَ جي مندر لاءِ مون وٽ تہ آهي ڪجهہ ڪين جو مان ڏيئي سگهان! آخر ويچار ڪري ٿيءِ ڏسي تي تہ تڏي تي جنهن تي هوءَ سمهندي هئي، اُن پراڻي تڏي مان تنتون ڪڍي، هيءُ ڏٻا جيڪي سامان ڪٽي لنگهندا هئا. اُن مان ڪنهن ڏٻي کي ڪارائيندي هئي ۽ پاٽي پياريندي هئي. چوندي هئي. "پربو! منهنجي پيت هيءَ قبول پوي شل!" ديول ٺهڻ تيار ٿيڻ تي راجا هڪ ست پرک کي اُدگهاٽن ڪرڻ گهرائي ٿو تہ اچي هن ديول جو اُدگهاٽن ڪر. ست پرک اچيتو ۽ لوڪن کي چويتو تہ "ٻڏو رات جو مونکي هڪ سپنو آيو، سپني ۾ مونکي ايشوري آواز آيو تہ تون وڃي لوڪن کي ٻڌائي تہ هيءَ ديول راجا ڪونہ ٺهرائي آهي مان توهان کي ٻڌايانوٿو تہ جيڪي مون ڏو آهي". راجا هڪ سوني ڪرسيءَ تي ٻہ ٿيو چڙهيو ويٺو هو. سندس ستان چونئر ڪٽي پئي جهولايائون. ست پرک پنهنجي اُپديش ۾ چويتو

اڙي اسان جو مالهي بہ تہ تنهنجي ماءُ لاءِ روز گجرو ناهي ڪٽي ايندو آهي ۽ پوڄا لاءِ بہ مالهائون ۽ هارناهي مندرکي سجائيندو آهي. ڪيڏي نہ مٺي سُگند ايندي آهي؟

راجڪمار- ”پر بابا! هيءُ پيلو گل ايڏو وڏو ڪيئن نہ چمڪي پيو؟“

راجا- ”پٽ، هيءُ سورج مکيءَ جو گل آهي. هن جي خاصيت اهي تہ هيءُ سج جي طرف ئي منهن ڪري رهندو آهي. هن جي ئي طاقت سان ٺرندو آهي. اِن ڪري هن کي سورج مکي گل چوندا آهن. اڄ ڪلهہ هنن گلن مان تيل ڪڍي کائڻ جي ڪم آندو ويندو آهي. اِن ڪري هن جي گهٽي ٻني ٿيندي آهي. اِهو روزگار جو سٺو ذريعو آهي. سڀ گل، وڪٽي ماڻهو پنهنجو روزگار هلائي ٿو سگهي ۽ پيٽ پالي ٿو سگهي. گلن ۽ وڻن کي پوکي واتاورڻ کي شڌ رکي ٿو سگهجي. اِن لاءِ ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ ضروري آهي“.



جو ڪير پيئي سو وير ٿيئي

ڪونہ آئي آهي. راجا اُن ٻڍڙي کان پڇي ٿو... ”مائي توهان ديول نهرائڻ ۾ ڪجهہ ڏنو آهي ڇا؟“ مائي جواب ڏنو تہ ”نہ مون تہ ڪجهہ ڪونہ ڏنو آهي“. ويچاري ڊڄي ويئي راجا چيس تہ آواز چيو آهي تہ ”هن مائيءَ ديول نهرائي آهي سو ڪيئن“؟ امڙ چيو تہ ”سائين ٻيو تہ مون ڪجهہ ڪونہ ڏنو آهي پر جيڪي تنهنجون ڳاڏيون لنگهنديون هيون ۽ جيڪي ڊٻا ڇڪي ايندا هئا. سنگمرمر جو پٿر. اُنهن کي مان پنهنجي چنل تڏي مان ڪي ٽڪرا ڪڍي کارائيندي هئس. بس ٻيو تہ مون ڪجهہ ڪونہ ڪيو. تڏهن راجا کي پروُڙ پوي ٿي تہ پريوءَ کي اِلائي ڇا قبول آهي. چوندا آهن تہ اَگهائي نہ ڪٿو نہ تہ ماڻڪ بہ موٽائي ڇڏي“! چو تہ ٻڍڙي مائيءَ ان ۾ پنهنجي دل وڌي هئي ۽ ڪڏهن ائين ڪونہ سمجهائين تہ مان ڪجهہ ڏيان ٿي. چيائين تہ مون وٽ تہ ڪجهہ آهي ڪونہ ۽ مان ڪجهہ ڏيئي نٿي سگهان.

”ونڊ ورهاءِ سک پاءِ“!


ٻيو تہ ٻڍڙيءَ وٽ ڪجهہ ڪين هو. ڦاٽل تڏي ٽڪر. چيائين ورهائيندي وڃان، قبول پئجي ويس. ”ونڊ ورهاءِ سک پاءِ“!

سار اِهو آهي تہ اِنسانيت اِن ۾ آهي تہ ڏيندا وڃون ۽ اُن ۾ پنهنجي دل جو ٽڪر وجهون. ٻئي جو دک درد ۽ پيڙا محسوس ڪري اُن جو احساس ڪريون.

”ديا ڌرم پڇ ڪيو سدائين،
ڪٽي نہ ويندا پئسو پائي،
ديا بنا ماڻهو ڪاسائي، ديا بنا جيون تہ اجائي“.

ٻار لاءِ دنيا جي اُتم پاٺشالا ماءُ جي گود ئي آهي


تہ خبر اٿو تہ هيءُ ديول راجا ڪونہ نهرائي آهي ”تڏهن ڪنهن نهرائي آهي“. مون سپني ۾ پڇو تہ نالو مونکي ڏنائون آواز ۾ اُن ٻڍڙيءَ جو. جا جهوپڙيءَ ۾ رهندي آهي. رستي ملي. مونکي ٻڌائين وائس چيو تہ ”تون وڃي چئجانءِ تہ هيءُ سڄي ديول هن ٻڍڙي مائيءَ نهرائي آهي“. راجا اِهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو تہ هيءَ واهيات ڳالهون ٿو ڪري. راجا مائيءَ کي گهرائي ٿوءِ ڏسي ٿو تہ هيءَ مائي تہ هتي ڪڏهن



شهيد هيمون ڪالاڻي

ڀارت اسان جو پيارو ديش انگريزن جي غلاميءَ ۾ رهيو جنهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ گهڻئين ديش ڀڳتن، نيتائن، سوتنترتا سينانين پنهنجي جيون جي آهوتي ڏئي ديش کي آزاد ڪرايو. جن ۾ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ سنڌي تي ڪري ننڍي عمر ۾ ئي شهادت حاصل ڪئي. اِها واردات ڀلجڻ جي نہ آهي.

هيمون ڪالاڻيءَ جو جنم سنڌ جي سکر ضلعي ۾ ٢٣ مارچ ١٩٢٣ ۾ ٿيو هو. هو بہ توهان ٻارن وانگر هڪ وديارٿي هو پڙهندو هو. اُن وقت سيني اِهو



ماتر ڀومي ۽ جا سپوت

ڀارت جي آزادي ۾ گهڻني شهيدن شهادت کي گلي لڳايو. جنهن ۾ ڀڳت سنگهه، سک ديو ۽ راجگرو نه اڳرا هئا ئي پر ٻيا به گهڻائي آزادي ۽ جي جڙ ۾ جڙي ويا جن جي نالن ۽ قربانين کان اسين محروم آهيون.

ڀڳت سنگهه ۽ اُن جي ساٿين کي ڦاسي ۽ جي سزا جي خلاف ٿيندڙ جلوسن ۽ پردرشن ڪاريه تي گولي هلائڻ جو حڪم گڙهوال ريجيمينٽ جي ڪمانڊر چندن سنگهه گڙهوالي ۽ کي ملڻ تي هن اِهو چوندي گولي حڪم جي پالنا نه ڪئي ته نهتن تي گولي هلائڻ ڪا بهادري نه آهي.

چندن سنگهه تي ڪورٽ مارشل ڪندي هن کي چوڏهن سالن جي سزا ٿي. جيل ۾ سزا جي دؤران ئي هن جو مؤت ٿي ويو. اهڙا سپوت جن کي ماءُ ماتر ڀومي ۽ لاءِ قرباني ۽ جي لولي ڏني هئي. شهادت ڏئي هميشهه لاءِ نام ڪمائي ويا.

هنن کي نه ڪو پدم شري مليو. پر هنن کي اِنهن ڏيکاون جي ضرورت ئي نه آهي ڇو جو هو جيڪو سنديش ڏئي ويا اُهي اسان تي ذميواري ڇڏي ويا. چيو به ويو آهي-

ڪر چلي هم فدا جان اور تن ساٿيو،
اب تمهاري حوالي وطن ساٿيو.



भगतसिंह राजगुरू सुखदेव

نعرو هنيون انگريزون ڀارت ڇوڙو. هيمون ڪالاڻيءَ ۾ به وطن جو پيار ڇولون پيو هڻي. جڏهن هن ٻڌو ته سوتنترتا سينانين کي ڪُچلڻ لاءِ انگريزن جي هڪ ريل گاڏي روهڙي شهر ۾ ئي روڪي اڳيان نه وڌڻ جي هيمونءَ ۽ هن جي ٻن ساٿين ضمون کنيون. گاڏي اچڻ کان اڳ ۲۳ آڪٽوبر ۱۹۴۲ تي ريل جي پٽريءَ جون فش پليٽون هٽائيندي هيمونءَ کي گرفتار ڪيو ويو. هن جا ساٿي ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

هيمونءَ کي پڪڙي هن کي ڪوڙا هنيا ويا. ساٿين جا نالا پڇيا ويا پر هن ديش جي پرواني سڀ ظلم پاڻ تي هموار ڪيا، ڪجهه نه ٻڌايو. اهڙي پڪي اِرادي واري ديش پريميءَ کان فرنگي ڊڄي ويا ۽ ۱۹ سالن جي عمر ۾ ڪرنل رچرڊسن هن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني. ۲۱ جنوري ۱۹۴۳ ۾ سکر جيل ۾ ڪرانتيڪاري هيمونءَ کي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ کان پهرين ڪلندي، همت سان هن نعرا هنيا، ''اِنقلاب زنده آباد'' ''ڀارت ماتا ڪي جئه''. ''هندوستان آزاد ٿئي''. سان جيل جي ديوارن کي گونجائي ڇڏيو. هن ٻار جو جذبو، نسوارت سچائي، ديش ڏانهن پيار ۽ حُب، ڏسي سيني هن جي شهادت کي نمسڪار ڪيو. ٻارو راشٽر پريم اِهو آهي. اسين ڪڏهن هيمون جي شهادت کي ڀلجي نه سگهنداسين.



شل اهڙا ڄام ڄمن
جيڪي ڄمندي
ڄام ٻٽي دنيا کي
روشن ڪن.

راجستان سنڌي اڪادميءَ جا اُديشيہ

١. سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ اڌيين ۽ انوسنڌان کي پروتساهہ ڏيڻ ۽ واڌارو ڪرڻ.
٢. راجيہ ۾ سنڌي سنستائن، سنگٺنن جي ڪمن ۾ سمنويہ ۽ سهيوگ ڪرڻ.
٣. سنڌي ساهتيہ سان جڙيل ساهتيہ ڪارن ۽ ساهتيہ جي کيتر سان جڙيل سنستائن ۾ سهڪار وڌائڻ ۽ اهڙين سنستائن جي اڏاوت ۽ واڌاري کي پروتساهت ڪرڻ.
٤. راشٽريہ ۽ راجيہ سطح تي سنڌي ساهتيڪ سنستائن جي معرفت گوشٽيون ۽ سميلن ڪوٺائي، ساهتيڪ ويچارن جي ڏي-وٺ کي پروتساهت ڪرڻ.
٥. ساهتيڪ ڪتابن، پتر-پترڪائن ۽ شوڌ پترن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپائڻ ۽ واڌارو ڏيڻ.
٦. سنڌي سنگٺنن جي ضرورت موجب لئبريرين ۽ واچناليہ جي اڏاوت ڪرڻ ۽ انهن کي پروتساهت ڪرڻ.
٧. راجستان سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ 1958 جي هيٺ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ ڪم ڪرڻ وارين سنستائن کي مانيتا ڏيڻ ۽ مانيتا حاصل سنستائن کي مالي مدد ڏيڻ.
٨. ڪتاب، پردرشنين، مشاعرن ۽ ساهتيڪ ڪاريہ ڪرمن جي ذريعي ديش ۾ سانسڪرتڪ ۽ ساهتيڪ سمپرڪ کي واڌارو ڏيڻ.
٩. قابل ليکڪن، ڪوين ۽ ٻڌي جيوين کي اسڪالرشپ، فئلوشپ ۽ انعام ڏيڻ.
١٠. سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن ۽ ڪوين کي انهن جي خاص حاصلاتن لاءِ مانيتا ڏيڻ ۽ ساهتيڪ ڪرتين جي ڇپڻ لاءِ مالي مدد ميسر ڪرائڻ.
١١. اڌيين، پاٺيڪرمن، وياکيان، سيمينار، سميلن ۽ سرويکشڻ ڪاريہ ڪرم ڪوٺائي سنڌي ساهتيہ جي اڌيين ۾ واڌارو ڪرڻ.



تعارف

ڪملا ٻتاڻيءَ جو ستون گلدستو توهان جي هٿ ۾ آهي.

ڪملا جي ڪهاڻين ۾ ناري پاترن جي وجود لاءِ نياءُ جي هونڪار ۽ ناري جاڳرتيءَ لاءِ تڙپ، جوش، جذبو ۽ احساس اُڀاري سماج ۾ ناري شڪتيءَ جي طاقت کي وڌائڻ ۽ اُسرڻ، قدم اڳيان وڌيڪ تيز ڪرڻ جي پريرڻا ڏيون ٿيون. ”لوليءَ ۾ سنڌي سنسڪرتيءَ جي جهلڪ“ ۾ سنڌي ۽ سنڌو سنسڪرتيءَ کي اُجاگر ڪندي سنڌي ڀينرن لاءِ سنسڪاري لوليون ڏئي ٻارن ۾ جنم کان سٺن سنسڪارن جو ٻج ڇٽڻ جو آهوان ڪيو آهي.

اڄ جي رچنا ”ٻار من ٺار“ ۾ ٻارن لاءِ سچتر ٻال ڪهاڻين جو مجموعو تيار ڪري ٻارن کي سنڌي پڙهڻ ۽ سنڌيءَ لاءِ لاڙو وڌائڻ لاءِ سچتر ننڍيون پر شڪشا پرد ۽ سنسڪارن کي اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ۾ قدرت جي وڻن، گلن، ٻاغن، پکين ۽ پسن لاءِ پريم پيدا ڪري اُنهن جي فائدن کان روبرو ڪرايو آهي. نانين، ڏاڏين ۽ مهاپرشن جي انيون مان فائدا ڪڻندي ڪهاڻيون دل تي هڪ ڇاپ ڇڏيون ٿيون.

ليکڪا جون ڪهاڻيون آڪاشوائي جئپور تان پرسارت ٿينديون رهنديون آهن. راجستان سنڌي اڪادميءَ طرفان اِنعام بہ عطا ڪيا ويا آهن. ليکڪا جي ساهتيہ ڏانهن لڳن، تڙپ، رُچيءَ کي ڏسي ۽ هر بار نئين وشيہ تي ڪتاب شايع ڪرائڻ جي ڪوشش هن کي سدا وقت جو سد اُپيوگ ڪرڻ جي پريرڻا ٿي ڏئي.

هڪ سڦل ليڪچرار ۽ گرهڻي ٿي بہ لڳن سان ساهتيہ شيوا ۾ قدم وڌائيندي رهي آهي. مان هن جو همسفر هن جي قدم سان قدم ملائي هلڻ ۾ سدا هن سان گڏ آهيان ۽ سنسد نئين ڪتاب جي ڪاميابيءَ جي ڪامنا ڪندي هن کي شڀ ڪامنائون ٿو ڏيان.

اُميد تہ ٻارن کي هيءَ رچنائون پسند پونديون ۽ هو سنسڪاري ٿي سچ پچ ”ٻار من ٺار“ ٿي ڏيکاريندا.

ڪشن ٻتاڻي.